روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 24 نومبر 2023 ع بمطابق 09 جمادي الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 178

پي ٽي آءِ اسان کي 6 وزارتون ڏيڻ جو چيو هيو: آصف زرداري

ملڪ مان ٻاهر وڃڻ جو چيو ويو ۽ چيو ويو ته منهنجي پارٽي مون ڪانسواءِ پيپلزپارٽي 6 وزارتون وٺي

تحريڪ انصاف سان گڏجي اليڪشن وڙهي ڇو ته عمران خان حڪومت آصف زرداري ۽ پيپلزپارٽي کي مائنس ڪرڻ چاهي پئي

عمران خان پاڪستان کي اڪيلي ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو ۽ ملڪي معيشت کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو، ان لاءِ عمران خان حڪومت خلاف بي اعتمادي رٽ آڻڻ درست فيصلو هو

عمران خان کي اقتدار کان ڌار نه ڪيو وڃي ها ته هو هڪ فوجي سان گڏجي آر او اليڪشن ڪرائي 2028 تائين حڪومت ناهي وٺي ها، پوءِ هڪ ڪلو ڪير لاءِ ٽرڪ ڀري پيسا ڏيڻا پون ها

ملڪ ۾ عام چونڊون 8 فيبروري تي ٿي ٿينديون، ان لاءِ سنڌس پارٽي ڀرپور چونڊ مهم هلائيندي: نجي ٽي وي کي ڏنل انٽرويو دوران اظهار

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري دعويٰ ڪئي آهي ته پيپلزپارٽي کي عمران خان حڪومت ۾ اتحادي بڻجڻ ۽ گڏجي اليڪشن وڙهڻ جي آڇ ڪئي وئي هئي ان جي بدلي عمران خان حڪومت، مائنس زرداري ۽ پيپلزپارٽي هئي. نجي ٽي وي انٽرويو ۾ اڳوڻي صدر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري چيو ته ڪيس ملڪ مان ٻاهر وڃڻ جو چيو ويو ۽ چيو ويو ته منهنجي پارٽي مون ڪانسواءِ پيپلزپارٽي 6 وزارتون وٺي ۽ تحريڪ انصاف سان گڏجي اليڪشن وڙهي ڇو ته عمران خان حڪومت آصف زرداري ۽ پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري (فائيل فوٽو)

پاڪستان برڪس بلاڪ
2024 ۾ شموليت لاءِ
درخواست ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان برڪس بلاڪ 2024 ع ۾ شموليت جي لاءِ درخواست ڏئي ڇڏي. پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان هفتيوار بريفنگ دوران پاڪستان جي درخواست جي تصديق ڪندي چيو ته روس ۽ چين رڪنيت حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان جي مدد ڪندا. ترجمان موجب، پاڪستان اهو فيصلو جوهانسبرگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پاڪستاني عوام پرعزم ۽ متحد رهي: فارميشن ڪمانڊرز ڪانفرنس

ڪمانڊر ڪانفرنس ۾ ملڪ جي اندروني ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي صورتحال تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو، ڪانفرنس ۾ پاڪ فوج جي جوانن کي زبردست پيتا پيش ڪئي وئي

رياست سيني دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪندڙن خلاف "مڪمل قوت" سان ڪارروائي ڪندي: پڌرنامو

ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم ۽ جبر تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ ڀارتي فورسز طرفان انساني حقن جي مسلسل ڀڃڪڙين جي مذمت ڪئي

پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو، فورم چيو ته ڪشمير مسئلي جو مستقل حل گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب ڪشميرين کي حق خودارادیت ڏيڻ ۾ ئي آهي: فورم

پاڪستان 1967 ع کان اڳ واري سرحدن ۽ القدس کي ان جي گاديءَ واري هنڌ جي بنياد تي فلسطين مسئلي جي ٻه رياستي حل جي مڪمل حمايت ڪري ٿو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو ۾ 82 هين فارميشن ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ ملڪ جي اندروني ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي صورتحال تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. ڪانفرنس ۾ پاڪ فوج جي جوانن کي زبردست پيتا پيش ڪئي وئي. ڪانفرنس ۾ فورم ان ڳالهه تي زور ڏنو ته، جيڪي دشمن قوتن جي اشاري تي پاڪستان کي غير مستحڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ جي ايڇ ڪيو ۾ 82 هين فارميشن ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي رهي آهي

نواز شريف ٿر جي ڪوئلي بابت جيڪو چيو اهو حقيقت تي ٻڌل ناهي: مراد علي شاهه

سنڌ ڪول اٿارٽي 1995 ع ۾ 10 هزار 560 ميگاواٽ جا پاور پلانٽس کي ايم او يو تي صحيحون ڪيون

1995 ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو ٿر ڪول رٽا جي افتتاح ڪئي، جڏهن ته نواز شريف جي حڪومت ٿر منصوبي تي ڪم بند ڪرائي ڇڏيو هو

ٻ جي حڪومت آئي ته ٻيهر پرڏيهي سيڙپڪارن سان رابطو ڪيو، بدقسمتي سان پرڏيهي سيڙپڪارن چيو ته اسان پاڪستان ۾ ڪم نه ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) نواز شريف جي ٿر جي ڪوئلي بابت بيان تي اڳوڻي وڏي وزير ۽ پ پ اڳواڻ مراد علي شاهه سخت ردعمل جو اظهار ڪيو آهي نجي ٽي وي چينل سان گفتگو ڪندي اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته نواز شريف ٿر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي وزيراعظم کي فارغ ڪري انوکو مثال قائم ڪيو ويو: نواز شريف

سنڌ ۾ ٿر ڪول منصوبي جو بنياد اسان وڌو، ڪجهه ماڻهو وزيراعظم يا صدر ٿيڻ لاءِ عوام سان ڪوڙ ڳالهائين ٿا

مان ووٽن لاءِ ڪوڙ ڳالهائي ويساهه گهاتي ڪندڙن مان نه آهيان، وزيراعظم هيس ته ملڪ کي ڊفالٽ ٿيڻ کان بچايو هو

مريم نواز چيو ته نواز شريف جي ملڪ کان ٻاهر هئڻ سبب ملڪ ۾ مهانگائي ۽ ٻيا مسئلا پيدا ٿيا: مريم نواز

نون ليگ جي قائد نواز شريف (فائيل فوٽو)

لاهور (م ڊ) نون ليگ جي قائد نواز شريف چيو آهي ته پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي وزيراعظم کي فارغ ڪري دنيا ۾ انصاف جو انوکو مثال قائم ڪيو ويو، مون کي فارغ ڪرڻ ۽ مريم نواز کي جيل اماڻڻ جو واحد مقصد پي ٽي آءِ چيئرمين کي اقتدار ۾ آڻڻ هو. نون ليگ جي قائد نواز شريف مري ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ٿر ڪول منصوبي جو بنياد اسان وڌو. ڪجهه ماڻهو وزيراعظم يا صدر ٿيڻ لاءِ عوام سان ڪوڙ ڳالهائين ٿا، انهن چيو ته مان ووٽن لاءِ ڪوڙ ڳالهائي ويساهه گهاتي ڪندڙن مان نه آهيان. وزيراعظم هيس ته ملڪ کي ڊفالٽ ٿيڻ کان بچايو هو سيني کي خبر آهي ته ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بحريه ٽائون پاران ڪراچي جي 3 هزار 31 ايڪڙ سرڪاري زمين تي غير قانوني طور قبضو ڪرڻ جو انڪشاف

بحريه ٽائون ڪراچي سان 16 هزار 896 ايڪڙ زمين جو معاهدو ٿيو هو، هن وقت بحريه ٽائون جو 19 هزار 931 ايڪڙ زمين تي قبضو آهي: رپورٽ

بحريه ٽائون جو هن وقت طئي ٿيل معاهدي کان 3 هزار 31 ايڪڙ واڌو زمين تي قبضو آهي

بحريه ٽائون جو ملير ضلعي ۾ 813 ايڪڙ ۽ ڄامشورو ۾ 2 هزار 222 ايڪڙ زمين تي قبضو آهي

اسلام آباد (م ڊ) بحريه ٽائون پاران ڪراچي جي 3 هزار 31 ايڪڙ سرڪاري زمين تي غير قانوني طور قبضو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ڪمشنر ڪراچي جي سربراهيءَ ۾ 10 رڪني سروي ٽيم پنهنجي رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عام چونڊن جي تيارين بابت چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ اهم اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر علي اصغر سيال ۽ ٻيا شريڪ

سنڌ حڪومت اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي شفاف، منصفاڻي ۽ محفوظ چونڊن لاءِ پرامن ماحول پيدا ڪري رهي آهي: ڊاڪٽر محمد فخر عالم

پولنگ اسٽيشنن تي سمورين سهولتن جي دستيابي کي يقيني بڻايو ويندو، اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي حساس پولنگ اسٽيشنن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

پريس ڪلب جي ميمبرن لاءِ پلاٽن جي
الاٽمينٽ ۽ صحافي ڪالوني جي
معاملن بابت اجلاس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبرن کي پلاٽن جي الاٽمينٽ ۽ صحافي ڪالوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا جي صدارت هيٺ صنعتي علائقن ۾ موجود سهولتن بابت گڏجاڻي

ٻيهر اجلاس اڄ طلب ڪيو ويو آهي ته جيئن صنعتڪارن جا مسئلا حل ٿي سگهن: يونس ڏاگا

اجلاس ۾ سيڪريٽري صنعت سنڌ عبدالرشيد سولنگي سنڌ حڪومت جي طرفان صنعتي زونن جي حوالي سان کنيل قدمن بابت تفصيلي آگاهه ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) نعتن ۽ واپار ۽ روينيو واري نگران صوبائي وزير محمد يونس ڏاگا جي صدارت هيٺ اڄ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ صوبي جي صنعتي علائقن ۾ موجود سهولتن بابت اهم جائزو ورتو ويو ان موقعي تي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سان ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن وفد جي ملاقات

سنڌ جي نگران صحت واري وزير کي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران اجرڪ ۽ مناڻي جو تحفو پيش ڪيو ويو

وفد ڊاڪٽر سعد خالد نياز کي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ سنڌن ڀرپور تعاون جو يقين ڏيارو

وفد ڊاڪٽر سعد خالد نياز کان ايم ڊي ڪيٽ پيپر ليڪ جي ڪردار کي بي نقاب ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ينگ ڊاڪٽرز ايسوسي ايشن سنڌ جي نئين چونڊيل ڪابينا هڪ وفد سان گڏ سرپرست جنرل ڊاڪٽر عمر سلطان جي اڳواڻي ۾ صحت، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي 30 ضلعن ۾ 7
ڏينهن واري پوليو خلاف مهم
27 نومبر کان شروع ٿيندي

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم جي صدارت هيٺ پوليو جي روڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: سنڌ جي نگران صحت وارو وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن وفد کي اجرڪ اوڍائي رهيو آهي

ڪانگو وائرس کان بچاءَ بابت آگاهي، اسپري ۽ ٻين اپائن تي اوليت جي بنياد تي مهم جاري آهي: ڊاڪٽر گل بهار ناريجو

ڪانگو وائرس خلاف مهم بابت اعليٰ اختيارن جي هدايت تي سختي سان عمل ٿي رهيو آهي

تعلقن ۾ پڻ اها مهم جاري رهندي جتي سرڪاري سطح تي مالوندن کي ڪانگو وائرس تي ضابطي بابت آگاهي ڏني ويندي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ سنڌ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ خيرپور ڊاڪٽر گل بهار ناريجو جي هدايت تحت جانورن کي امڪاني طور ڪانگو وائرس کان بچاءَ ۽ ضابطي بابت اسپري، بيمارين کان بچاءَ لاءِ آگاهي ۽ دوائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي واسين لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي

نيپرا کي اليڪٽرڪ صارفين لاءِ هڪ رپيو 52 پئسا يونٽ سرچارج لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

وفاقي حڪومت جي درخواست تي نيپرا واڌو سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏني: نيپرا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي واسين لاءِ بجلي وڌيڪ مهانگي ڪئي وئي آهي، نيپرا کي اليڪٽرڪ صارفين لاءِ هڪ رپيو 52 پئسا يونٽ سر چارج لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

گمبٽ: گمس ڪاليج جي شاگرد جو گهر مان لاش هٿ

فوتي شاگرد بيمار هيو جيڪو ميڊيسن کائيندو هيو: پوليس

ساهه جي تڪليف ۾ پڻ مبتلا هيو جيڪو پرائيوٽ گهر ۾ رهندو هيو

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ ۾ گمس ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگرد ڪشمور واسي ذيشان داير جو گهر مان لاش هٿ آيو آهي جنهن کي اسپتال منتقل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسرائيل ۽ غزه ۾ جنگ بندي تي عملدرآمد اڄ تائين ملتوي

جنگ ۾ وقفو ۽ يرغمالين جي آزادي سڀاڻي شروع ٿيندي

حماس اڃا تائين قيدين جي آزاد ٿيڻ جي فهرست فراهم نه ڪئي آهي: اسرائيلي اخبار

غزه (م ڊ) اسرائيل غزه ۾ جنگبندي تي عملدرآمد سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪانپوءِ جنگ ۾ وقفو ۽ يرغمالين جي آزادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پهريون پيرو هندو نوجوان ايئر فورس ۾ پائليٽ آفيسر بڻجي ويو

ديو آنند پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ چائنا مان گريجوئيشن ڪئي

وڏو ڀاءُ انيل ڪمار به پاڪ فوج ۾ پهريون هندو ليفٽيننٽ ڪرنل گذريل سال مقرر ڪيو ويو

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ٽنڊو باگو شهر جي وارڊ نمبر 4 ڪمهار محلا جو رهواسي ديو آنند پاڪستان ايئر فورس ۾ پهريون هندو پائليٽ آفيسر بڻجي ويو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

تيغو خان تيغاڻي به ن ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

تيغو خان تيغاڻي نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي کيئل داس سان ملاقات ڪئي

جيڪب آباد ۽ ڪشمور ضلعن جو عوام ترقي ۽ امن چاهي ٿو: تيغو خان تيغاڻي

ڪراچي (رپورٽر) تيغو خان تيغاڻي به ن ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. تيغو خان تيغاڻي نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ ۽ اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: پريس ڪلب جي ميمبرن لاءِ پلاٽن جي الاٽمينٽ ۽ صحافي ڪالوني جي معاملن بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

ملڪ سون سوين رُپيا سستو ٿي ويو

تولو سون 650 رُپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ به لک 15 هزار 850 رُپين جي ٿي ويو

في اونس سون ڇهه ڊالر سستو ٿيڻ کانپوءِ هڪ هزار 996 ڊالرز جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، پاڪستان ۾ في تولو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نگران صوبائي وزير سياحت جي ملاقات

صوبي جي آمدني وڌائڻ لاءِ قدمن ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

صوبي جي سياحتي هنڌن تي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نگران صوبائي وزير سياحت، ماحوليات، موسمياتي تبديلين واري وزير ارشد ولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شاگرديائڻين کي 10 هزار بائيڪس ڏيڻ جو فيصلو

10 هزار شاگرديائڻين کي سبسڊي تي اليڪٽرڪ موٽر سائيڪلون ڏنيون وينديون: پنجاب جو نگران وڏو وزير

شهرين کي سموگ کان محفوظ رکڻ لاءِ قدم کڻندي مٿيان اهم فيصلا ڪيا آهن

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت 10 هزار شاگرديائڻين کي سبسڊي تي اليڪٽرڪ سائيڪلون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. نجي ٽي وي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

دوائون ٻيڻ تي مهانگيون ڪرڻ جي منظوري جو امڪان

نگران ناڻي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر جي صدارت هيٺ اي سي سي جو اجلاس ٿيو

اي سي سي اجلاس ۾ 5 نڪاتي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو آهي: ناڻي وزارت

اسلام آباد (م ڊ) اقتصادي رابطا ڪاميٽي طرفان دوائن جي اگهن ۾ 15 کان 125 سيڪڙو واڌ جي منظوري جو امڪان آهي. نجي ٽي وي موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

تڪبندين جي حتمي فهرست 30 نومبر تي شائع ٿيندي: اي سي پي

اليڪشن ڪميشن سياسي پارٽين جي مشاورت کانپوءِ ضابطه اخلاق جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

اليڪشن ڪميشن اٺ فيبروري 2024 ع جمعي جي ڏينهن سموري ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ملڪ ۾ ايندڙ سال چونڊن جي تياري جو جائزو ورتو ويو چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ چونڊن جي تيارين بابت اجلاس ۾ آگاهي دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا عوام جي خدمت لاءِ آهن: حارث نواز

انڊر ٽريننگ ڊي ايس پي کي اهڙي طرح جون ذميواريون نه گهرجن

اسان واقعي تي فوري طور تي ڪارروائي ڪئي، ڊي ايس پي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ايف آءِ آر به ڪٽي وئي آهي

ايس ايس پي جي غلطي آهي آءِ جي پوليس ڪيس معطل ڪري ڇڏيو آهي: صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي: سنڌ جو نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته اورنگي ٽائون واقعي ۾ ملوث ڊي ايس پي سخت سزا ڏيارينداسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پنجاب حڪومت جو وڏو قدم:
ڪوهيڙي سبب جمعي ۽ ڇنڇر تي
اسڪول بند رکڻ جو فيصلو

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت وڏو قدم کڻندي ڪوهيڙي سبب جمعي ۽ ڇنڇر تي اسڪول بند رکڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بحريه ٽائون ڪراچي ڪيس: چيف جسٽس ۽ بحريه ٽائون جي وڪيل وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ

توهان ٻڌايو ته ادائگين واري معاهدي تي عمل ڇو نه ڪيو ويو آهي؟: چيف جسٽس جو بحريه ٽائون جي وڪيل سلمان اسلم بٽ کان سوال

قانون موجب هلڻو آهي ته پوءِ مون کي جواب جمع ڪرائڻ جو وقت ڏيو (وڪيل سلمان اسلم) توهان جي چوڻ تي سروي ڪرائي وئي جيڪا توهان جي خلاف وئي: چيف جسٽس

اسلام آباد (م ڊ) بحريه ٽائون ڪراچي ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ۽ بحريه ٽائون جي وڪيل وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي آهي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ بحريه ٽائون جي وڪيل سلمان اسلم بٽ کان سوال ڪيو ته توهان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊون غير شفاف قرار ڏئي ڇڏيون، 20 ڏينهن ۾ ٻيهر ڪرائڻ جو حڪم

چونڊون ڪرائڻ کان پوءِ 7 ڏينهن ۾ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن جي رپورٽ ڪميشن ۾ جمع ڪرائي وڃي: اليڪشن ڪميشن

20 ڏينهن جي اندر انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون وڃن تيستائين بيٽ جو نشان پي ٽي آءِ وٽ رهندو ٻئي صورت ۾ واپس ورتو ويندو

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان تمام گهڻو ڏک پهتو آهي، اليڪشن ڪميشن انصاف جون گهرجون پوريون نه ڪيون آهن: بئريسٽر گوهر

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن پاڪستان تحريڪ انصاف جي خلاف داخل ڪيل انٽرا پارٽي ڪيس جو تفصيلي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو، اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن کي غير شفاف قرار ڏيندي 20 ڏينهن ۾ ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ڪميشن هدايت ڪئي آهي ته چونڊون ڪرائڻ کان پوءِ 7 ڏينهن ۾ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن جي رپورٽ ڪميشن ۾ جمع ڪرائي وڃي. 20 ڏينهن جي اندر انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون وڃن تيستائين بيٽ جو نشان پي ٽي آءِ وٽ رهندو ٻئي صورت ۾ واپس ورتو ويندو پاڪستان تحريڪ انصاف جي وڪيل بيرسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نواز شريف اهوئي ڪري پيو جيڪو عمران خان ڪندو هو: نثار کهڙو

صوبن کي ڪمزور ڪرڻ ۽ صوبائي خودمختياري کي رول بيڪ ڪرڻ جي سازش آهي

سياسي پارٽين کي اقتدار جي جدوجهد ۾ آئين تي حملي جو اوزار نه بڻجڻ گهرجي

وفاق ۾ پئسو صوبن کان گڏ ٿيندو آهي: ڪراچي ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ۾ تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙي چيو آهي ته نواز شريف اهوئي ڪري رهيو آهي جيڪو پي ٽي آءِ چيئرمين ڪندو هو ڪراچي ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ۾ تقريب کي خطاب ڪندي نثار کهڙي وڌيڪ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڊائريڪٽرز ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرز جا شناختي ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم

غير قانوني اڏاوتون ڊاهڻ ۽ عدالتي حڪمن تي عمل ٿيڻ تائين آفيسرن جا ڪارڊ بلاڪ رهندا: جسٽس نديم اختر

عدالت اوڀر ۽ سينٽرل ضلعن جي رهائشي علائقن ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو هو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڊائريڪٽرز ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرز جا شناختي ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي جسٽس نديم اختر ريمارڪس ۾ چيو آهي ته غير قانوني اڏاوتون ڊاهڻ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان غزه ۾ جنگ بندي جو شدت سان انتظار ڪري پيو: ترجمان

اسان سمجهون ٿا ته امن ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي، غزه ۾ 6 هزار کان وڌيڪ ٻارڙا شهيد ٿيا: ممتاز زهرا بلوچ

هن هفتي ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي، غزه ٻارن لاءِ سڀ کان ڏکيو علائقو بڻجي ويو آهي

پاڪستان هن هفتي ڊينمارڪ، فنلينڊ ۽ سويڊن سان سياسي مشاورت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار بريفنگ ڏئي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته پاڪستان غزه ۾ جنگبندي جو بي صبري سان انتظار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مالوندن کي مختلف موذي
مرضن کان بچاءَ لاءِ
ويڪسينيشن جو ڪم جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ميرپورخاص ڊاڪٽر گدا حسين چيو آهي ته لائيو اسٽاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

شهريار آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جا ايم پي او آرڊر ڪالعدم قرار ڏيڻ جي درخواستن تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جي ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جي اختيار تي به دليل مڪمل ڪيا ويا

درخواستگذار جو وڪيل شير افضل مروت پيش نه ٿيو جنهن تي ڪيس لکت ۾ دليل جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جا ايم پي او آرڊرز ڪالعدم قرار ڏيڻ جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار درخواستن تي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٺٽي جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن، انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن بابت سيمينار منعقد

وقاص شاهه، نريندر ڪمار، سماجي اڳواڻ عزيز سروائي، پرنسپل ٽيڪنيڪل ڪاليج سيف الدين عباسي، مقبول حفيظ ۽ ٻين جي شرڪت

سماجي شعور جي کوٽ سبب اڪثر ماڻهو بنيادي انساني حقن جي ڄاڻ کان محروم آهن، قانون تہ ٺهن ٿا پر ان تي عمل نٿو ٿئي : اڳواڻ

انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن جي قانون ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي تہ خلاف ورزي جي صورت ۾ قانون کي عمل ۾ آندو ويندو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن، انساني حقن ۽ ٻارن جي جي حقن جد تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران ملڪ ۽ سنڌ سميت ضلعي ٺٽي ۾ انساني حقن جي وڏي پيماني تي ڀڃڪڙين، ٻارن کان جبري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

SEMINAR
HUMAN RIGHTS, CHILD RIGHTS, CYBER CRIME
CAREER COUNSELING, RULE OF LAW
YOUTH NETWORK SINDH

ٺٽو: ڪوٽايل سيمينار کي اڳواڻ عورت خطاب ڪري رهي آهي

ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 4 ڪمڀار محلہ جو رهواسي دويو آنند پاڪستان ايئر فورس ۾ پهريون هندو پائليٽ آفيسر بڻجي ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 4 ڪمڀار محلہ جو رهواسي دويو آنند پاڪستان ايئرفورس ۾ پهريون هندو پائليٽ آفيسر بڻجي ويو ديو آنند پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ چائنا مان گريجوئيشن ڪئي آهي هن جو وڏو ڀاءُ انيل ڪمار بہ پاڪ فوج ۾ پهريون هندو ليفٽيننٽ ڪرنل گذريل سال مقرر ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين : سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس ۾ پروگرام منعقد

ڪيمپس اندر مختلف ٻوٽا وڻ گملا ۽ گل رکي ڪنوار جيان سينگاريو ويو

گدلاڻ کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيمپس کي صاف رکڻ سڀني جي اجتماعي ذميواري آهي : اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ 23 نومبر 2023 تي "سرسبز ۽ صاف لاڙ ڪيمپس بدين" جي حوالي سان پروگرام منعقد جنهن ۾ لاڙ ڪيمپس جي چئني ڊپارٽمينٽ جي شاگردن پاران ڀرپور نموني سان حصو ورتو ويو شاگردن طرفان لاڙ ڪيمپس اندر مختلف ٻوٽا وڻ گملا ۽ گل رکي ڪنوار جيان سينگاريو ويو لاڙ يونيورسٽي ڪئمپس جي رکيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو ۾ ميڊيڪل جي ٽيسٽ ۾ غريب شاگردن سان ناانصافين خلاف احتجاجي ريلي

شاگرد نوجوان اتحاد جي اڳواڻن احسان ڪنير علي ڪورائي، فهد ٻير، عطاالله بروهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جوابن وارو پيپر هڪ ڏينهن پهريان ليڪ ڪئي وئي اها ڪرپشن ڪري پيسن تي ڪپائي وئي آهي : مظاهرين

تعليم کي ڏنڌو بنائيندڙ کي گرفتاري ڪري سزا ڏني وڃي جئين ٻيهر شاگردن سان ناانصافي ختم ٿئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ميڊيڪل جي ٽيسٽ ۾ غريب شاگردن سان وڏي پيماني تي ناانصافين خلاف دادو ۾ علامہ آءِ آءِ لائيبريري کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب دادو اڳيان احتجاج ڪندي باشعور شاگرد نوجوان اتحاد دادو جي اڳواڻن احسان ڪنير علي ڪورائي، فهد ٻير، عطاالله بروهي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو اسان کان پهرين ٽيسٽ جناح (Jinnah) ورتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهرو فيروز ۾ مختيارڪار عبدالعزيز جوڻيجو تاريخي گورنمينٽ مدرسہ اينڊ هاءِ اسڪول ۾ ٻوٽو پوکيو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ مختيارڪار عبدالعزيز جوڻيجو تاريخي گورنمينٽ مدرسہ اينڊ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۾ ٻوٽو پوکيو، ان موقعي تي سينئر هيڊ ماستر ڪريم بخش سيال، هيڊ ماستر محمد رمضان مري، گستا ضلع صدر محمد پريل ڪاڪيپوٽو، راشد ميمڻ ۽ امجد ميمڻ موجود هئا. مختيارڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ميڊيڪل ٽيسٽ جو پيپر ليڪ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گهوڙاٻاري پرسان ور شهر ۾ قبرستان تي قبضي خلاف احتجاج، روڊ بلاڪ

درگاهه سيد جان علي شاهه جي گادي نشين سيد سيف علي شاهه مست مين روڊ بلاڪ ڪري قبضا خالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

قبرستان تي بااثر ماڻهن ڪيترائي قبضا ڪري اڏاوتون شروع ڪري دڪان ٺهرائي اسان جا گس بند ڪري ڇڏيا آهن : گادي نشين

فوري طور قبضا مافيا خلاف ايڪشن وٺي قبرستان تان قبضا خالي ڪرايا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

گهوڙاٻاري(رپورٽر) گهوڙاٻاري پرسان ور شهر ۾ قبرستان تي قبضي خلاف احتجاج روڊ بلاڪ. ور شهر ۾ درگاهه سيد جان علي شاهه جي گادي نشين سيد سيف علي شاهه مست مين روڊ بلاڪ ڪري قبضا خالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج ۾ ور شهر جي ماڻهن شرڪت ڪندي چيو تہ جان علي شاهه قبرستان تي بااثر ماڻهن ڪيترائي قبضا ڪري اڏاوتون شروع ڪري دڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي : مقتول ارشاد رانجهاڻي جي ڀاءُ جي گهر تي پوليس چڙهائي، گهرڀاتي حراسان ٿي ويا

پوليس وردي ۽ سول ڊريس ۾ ماڻهن گهر جو دروازو کڙڪايو نہ کولڻ تي پوليس اهلڪارن گهر جو دروازو ٽوڙي ڇڏيو : منور رانجهاڻي

پوليس اهلڪارن اسان جي ننڍي ڀاءُ خالد رانجهاڻي کي زبردستي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، 15 پوليس جي اچڻ تي روانا ٿي ويا

قاتل بااثر ۽ تمام گهڻو طاقتور آهي پوليس ان جي ونگارو هي اسان کي حراسان ۽ تنگ ڪري رهي آهي، انصاف ڏياريو وڃي

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پهنوار) ڪراچي سجل ڳوٺ ۾ ڪجهه سال اڳ قتل ٿيل ارشاد رانجهاڻي جي ڀاءُ منور رانجهاڻي جي گهر تي گذريل رات دير سان پوليس عملدارن چڙهائي پوليس عملدارن گهر جو دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز : ڊسٽرڪٽ پاپوليشن کاتي جي ڪرپٽ آفيسر عبدالوحيد شيخ پاپوليشن کاتي جي تباهي ڪري ڇڏي

نوشهروفيروز(د ر) ڊسٽرڪٽ پاپوليشن کاتي جي ڪرپٽ آفيسر عبدالوحيد شيخ پاپوليشن کاتي جي تباهي ڪري ڇڏي، کاتي کي کائي ڪرکلو ڪري ڇڏيو ضلعي اندر پاپوليشن کي روڪ ٿام ڪرڻ بجائي پاپوليشن کاتو سوني ڪان ٺپل کاتي جا 200 ملازم ويٺا تي ڇڏيل ڊسپنسريون قائم ڪيل ويران ٿيل آفيسر مال ڪمائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي: منور رانجهاڻي پوليس چڙهائي خلاف گهرڀاتين سميت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو : صحت کاتي سول اسپتال جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نہ ٿيا، ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا

سول اسپتال جي ملازمن جي جوڙيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي پاران ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو

صحت کاتي سول اسپتال مڪلي جي ملازمن کي الٽرا سائونڊ، ايڪسري ٽوڙي دوائن جي ڪا بہ سهوليت ميسر ناهي : مظاهرين

رهائشي ڪالوني جو گٽس 6 سال گذرڻ باوجود بحال ٿي ناهي سگهيو، ڪير بہ اسان جي ٻڌڻ وارو ناهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ٺٽو(د ر) ٺٽو : صحت کاتي سول اسپتال جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نہ ٿيا، ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا، ان سلسلي ۾ صحت کاتي سول اسپتال ٺٽو جي ملازمن جي جوڙيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي پاران ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو سول اسپتال مڪلي تي حاجي اسد خشڪ، حاجي ابراهيم سميجو، انور جاکرو، علي ڏنو خاصخيلي، لياقت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي تحريڪ کي 51 ڏينهن مڪمل

پوليس سميت ڪنهن بہ سرڪاري نمائندي رابطو نہ، انساني حقن جون تنظيمون بہ خاموش رهيون

پريس ڪلب اڳيان پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران سمورن مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي : مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي تحريڪ کي 51 ڏينهن مڪمل، پوليس سميت ڪنهن بہ سرڪاري نمائندي رابطو نہ، انساني حقن جون تنظيمون بہ خاموش رهيون سکر پريس ڪلب اڳيان پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران معصوم نياڻي پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، اسلام الدين سومرو، علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو پرسان ڳوٺ راوت خان زئونر جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ ليڊي ٽيچر ڊيوٽي جي لوڪيشن ڏئي گهر ٿي وڃن ٿيون : رهواسي

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ راوت خان زئونر جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ 4 ليڊي ٽيچر مقرر هوندي شاگردياڻين جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ليڊي ٽيچر ڊيوٽي جي لوڪيشن ڏئي گهر ٿي وڃن ٿيون شاگردياڻين جي والدين سهيل زئونر، الهداد زئونر ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو تہ اسان جون نياڻيون هن جديد دور ۾ بہ تعليم جهڙي زيور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميروخان جي ڊائمنڊ پبلڪ اسڪول ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب

سنڌ ۾ غربت سبب لکين ٻار تعليم حاصل ڪرڻ بدران هوٽل ۽ ريڙهين تي ڪم ڪري رهيا آهن : اڳواڻ

اسان سڀئي تعليم کان وانجهيل ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون

دنيا جي ٻين ترقي يافتا جيان اسان جا ٻار بہ بهتر تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهن

ميروخان(رپورٽر) ميروخان جي ڊائمنڊ پبلڪ اسڪول ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب منعقد تقريري مقابلا، ٽيبلوز پيش، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي نگراني ۾ ٿيل تقريب ۾ استادن، اسڪولي شاگردن سول سوسائٽي ۽ والدين جي شرڪت، سنڌ ۾ غربت سبب لکين ٻار تعليم حاصل ڪرڻ بدران هوٽل ۽ ريڙهين تي ڪم ڪري رهيا آهن تعليم کان وانجهيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ڳاڙهو ۾ روينيو کاتو مدل اسڪول جي مين گيٽ تي ٿيندڙ قبضي جو حل ڪڍي نہ سگهيو

دعويدار ڌرين پاران ڪارڙ جو اظهار، اسڪول جو مين گيٽ بدستور بند، ماپ نہ ٿي سگهي

تڪرار وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿي ويو، اسڪول جو مين گيٽ بدستور بند پيل

ڳاڙهو(رپورٽ) ڳاڙهو روينيو کاتو گهوڙاٻاري مدل اسڪول جي مين گيٽ تي ٿيندڙ قبضي جو حل ڪڍي نہ سگهيو، دعويدار ڌرين پاران ڪارڙ جو اظهار، اسڪول جو مين گيٽ بدستور بند، ماپ نہ ٿي سگهي، خبر موجب ڳاڙهي شهر ۾ بلڊر پاران تائر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جهڏو پرسان پيار پرڙو ڪنڌڙ پريمڪا ڏوڪو ڏئي ٻئي سان ڪسڪي وئي

ڳوٺ حيات خاصخيلي جي رهواسي نوجوان فدا حسين ۽ سندس والد احتجاج ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي زال کي واپس ڪرائي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي : نوجوان

جهڏو(رپورٽ) جهڏو پرسان پيار جو پرڙو ڪنڌڙ پريمڪا جو پريمي سان ڏوڪو چند ڏينهن ۾ ٻئي سان ڪسڪي وئي پريمي جو احتجاج، جهڏو پرسان ڳوٺ حيات خاصخيلي جي رهواسي نوجوان فدا حسين ۽ سندس والد سلطان کهيري ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهڏو: پريميڪا جي ڏوکي خلاف نوجوان پيءُ سميت احتجاج ڪري رهيو آهي

ٿامي جي سڪن کي موهن جي دڙي تي قائم ليبارٽري ۾ صاف ڪرڻ جو عمل جاري

ابتدائي مرحلي ۾ ڪجهه سڪن تي ڪشان دور جي هڪ بادشاهه جي تصوير ظاهر ٿي آهي : اڳواڻ

ميوزيم جي ڪيوريٽر روحل امين گهمرو ليبارٽري ۾ پهچي هٿ آيل سڪن جو ويجهڙائي کان جائزو ورتو

ڏوڪري(رپورٽر) سنڌ جي قديم ماڳ جي اسٽوپا وٽان ڪشان دور جي هٿ آيل ٿامي جي سڪن کي موهن جي دڙي تي قائم ليبارٽري ۾ صاف ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۽ ايجنٽ مافيا خلاف احتجاج

خزاني آفيس ۾ 50 کان وڌيڪ پرائيويٽ ملازم مقرر ڪري ايجنٽ طور ڪم ورتو وڃي ٿو : مظاهرين

ايڊمن عبدالغفار عباسي خزاني آفيس جو مالڪ بڻيل آهي، ڪير بہ پڇڻ وارو ناهي، نوٽيس ورتو وڃي

نوشهروفيروز(د ر) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۽ ايجنٽ مافيا خلاف ضمير علي ڳاڏهي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ خزاني آفيس ۾ 50 کان وڌيڪ پرائيويٽ ملازم مقرر ڪري ايجنٽ طور ڪم ورتو وڃي ٿو، ايڊمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مانجهند ۾ زمين تي قبضي خلاف متاثرن پاران 28 هين بہ احتجاج

بااثر وڏيرو اختر پٽي پوليس جي زور تي زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي : مظاهرين

گهرڀاتين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ مبينا 80 ايڪڙ زمين تي قبضي خلاف متاثرن جو 28 هين بہ احتجاج پوليس ظلم خلاف ڏانهون. تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مانجهند: پٽي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ رعائتي ڪتابي ميلي لڳايو ويو

هر دور ۾ ڪتاب وڏي اهميت جو حامل رهيو آهي : اديب اعجاز ممنائي

اسان جي سمورن مشڪلاتن جو حل ڪتابن ۾ سمايل آهي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ستار پبليڪيشن پاران سنڌ صحافي اتحاد ۽ سنڌي ادبي سنگت جي سهڪار سان رعائتي ڪتابي ميلي لڳايو ويو جنهن ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

غير قانوني پارڪ ڪيل موٽرسائيڪلون ضبط ڪيون وينديون : اي سي سکر

غيرقانوني طريقي سان ٽريفڪ جي روانگي ۾ خلل ۽ پيادلن کي تڪليف ۾ مبتلا ڪري رهيا آهن

موٽرسائيڪل پارڪنگ، غلط پارڪنگ ۽ غير قانوني پارڪنگ اسٽينڊ برداشت نہ ڪئي ويندي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) اسسٽنٽ ڪمشنر سکر ٺوبيہ فلڪ راڻو جيو آهي تہ سکر ۾ حددخلين خلاف هلندڙ آپريشن ۽ موبائيل مارڪيٽ جي ٻاهران غيرقانوني طريقي سان ٽريفڪ جي روانگي ۾ خلل ۽ پيادلن کي تڪليف ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر: اسسٽنٽ ڪمشنر حددخلين سبب شهر جو دورو ڪري رهي آهي

لاڙڪاڻو : باباگرونانڪ جو 554 هون جنم ڏينهن جي تقريبن ۾ شرڪت لاءِ قافلو روانو

ريلوي اسٽيشن تان خصوصي ٽرين ياترين کي کڻي ننڪانہ صاحب رواني ٿي وئي

هر سال جيان هن سال بہ ڀرپور تياري سان پنهنجي روانگي ڪري رهيا آهيون : اڳواڻ

لاڙڪاڻو(رپورٽر) پنجاب جي شهر ننڪانہ صاحب ۾ بابا گرونانڪ جو 554 هون جنم ڏينهن جي تقريبن ۽ رسمن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي جي ريلوي اسٽيشن تان خصوصي ٽرين ياترين کي کڻي ننڪانہ صاحب رواني ٿي وئي آهي. خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا

بااثر ڌريون شهيد جان محمد جي اصل قاتلن کي بچائي رهيون آهن : مظاهرين

شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندا وڃن

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ڪري سگهي 102 ڏينهن بہ احتجاجي تحريڪ جاري، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سلطانپور پرسان پير پاڳاري شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي رحہ جي 95 سالگرهہ تقريب

تقريب ۾ مدرسي مان فارغ تحصيل عالمن سڳورن، حر جماعت جي فقيرن ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ نعت خوان عبدالرحيم عزمي پاران چونڊ شاعري ذريعي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سلطانپور(رپورٽر) سلطانپور جي ڳوٺ الهہ وڏايو جوڻيجو ۾ حر جماعت جي معززين پاران پير پاڳاري شاهه مردان شاهه ڇٽ ڌڻي رحہ جي 95 سالگرهہ تقريب منعقد، سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، تفصيل موجب سلطانپور پرسان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول سول اسپتال جو اڳوڻو ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر امير احمد شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

سجاول(د ر) پ پ پ تعلقا سجاول جي انفارميشن سيڪريٽري سيد شفقت شاهه متياري جو والد ۽ سجاول اسپتال جو اڳوڻو ايم ايس ڊاڪٽر سيد امير احمد شاهه متياري هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو جنازي نماز ۾ پ پ پ ضلع سجاول جو صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي، شاهه حسين شاهه شيرازي، ريحانہ لغاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سلطانپور: سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

پوليو کان بچاءُ قومي فرض آهي، ان ڪري اسان سڀني کي هن خطرناڪ موذي مرض خلاف ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي : ڊپٽي ڪمشنر

ڪنهن بہ قسم جي غفلت جي صورت ۾ لاڳاپيل تعلقي سپروائيزرز ۽ يوسي ميڊيڪل آفيسر ذميوار هوندا

گذريل رائونڊ وانگر هن رائونڊ ۾ بہ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ٽيمن کي ايوارڊ ۽ انعام ڏنا ويندا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو خلاف مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو ان موقعي تي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر جي راڳي محمد يونس چنو جي ثقافت کاتي سنڌ جي ڪنهن بہ ڪاموري سار نہ لڌي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي راڳي محمد يونس چنو جي ثقافت کاتي سنڌ جي ڪنهن بہ ڪاموري سار نہ لڌي پير ۾ انفيڪشن ٿيڻ سبب 23 نومبر تي سکر جي سول اسپتال ۾ آپريشن سڄي پير ۽ آڱرين کي آپريشن ڪري ڪٽيو ويو اسپتال جي بستري تي پيل راڳي فنڪار يونس چنو جو چوڻ هو تہ گذري ٽن مهينن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو پرسان ڳوٺ لال بخش پنهور جي رهواسي پاران احتجاج

گونگي پٽ جي ڪافي سالن کان گمشدگي خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو

ڪافي شهرن ۾ ڳولا ڪئي ۽ پوليس ڏانهن ويس پر پٽ هٿ نہ اچي سگهيو آهي : خان محمد پنهور

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پرسان ڳوٺ لال بخش پنهور جي رهواسي خان محمد پنهور پاران پنهنجي گونگي پٽ جي ڪافي سالن کان گمشدگي خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب اڳيان ٻئين ڏينهن بہ علامتي بک هڙتال جاري رکي رکي احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ 2010 جي مها ٻوڏ دوران لڏ پلاڻ ڪرڻ دوران منهنجو 13 سالا گونگو پٽ خادم حسين پنهور مونڊر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو ۾ اي ڊي سي ون جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ ايندڙ پوليو خلاف اجلاس

صحت کاتو هارڊ ۽ ڊيزٽ علائقن ۾ الڳ مهر هلائي ۽ جوهي، واهي پانڌي ۽ جابلو علائقن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي : اي ڊي سي ون

جيڪڏهن 15 سالن تائين جو ٻار جيڪڏهن ڪمزور ٿي وڃي تہ ان جو اطلاع ڊي ايڇ او آفيس دادو ۾ ڏنو وڃي

جيڪي بہ فيصلا ٿيا آهن انهن تي مڪمل عمل ڪيو وڃي، اسان لاءِ اليمو اهو آهي تہ اسان افغانستان سان گڏ بيٺا آهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 دادو صفدر علي ميراڻي جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ ايندڙ پوليو خلاف مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 دادو چيو تہ صحت کاتو هارڊ ۽ ڊيزٽ علائقن ۾ الڳ مهر هلائي ۽ جوهي، واهي پانڌي ۽ جابلو علائقن تي خاص /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو : صوبائي صحت واري وزير ضلعي جي مختلف اسپتالن جو دورو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) صوبائي صحت واري وزير ٺٽي ضلعي جي مختلف اسپتالن جو دورو ڪري معائنو ڪيو ۽ صحت جي انتظامن تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون، سنڌ جي نگران صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو : ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ۾ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت اجلاس منعقد

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد نواز ڪلوڙ، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

پوليو مهم ۾ چونڊيل نمائندن جو ڪردار اهم آهي، ايندڙ ضلعي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ميمبرن کي پوليو مهم جي اهميت بابت آگاهي ڏني ويندي : اڳواڻ

چونڊيل نمائندن سان گڏ ميڊيا نمائندن کان بہ مدد ورتي وڃي تہ جيئن پوليو مهم جي اهميت بابت اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ماڻهن کي آگاهي ملي سگهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءُ واري قومي مهم جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت دربار هال ۾ ضلعي بدين جي سمورين يونين ڪائونسلن جي چونڊيل چيئرمينن سان اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ چيئرمين ضلع ڪائونسل علي اصغر هاليپوٽو، ميونسپل چيئرمين بدين پير محمد صالح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سجاول ۾ روينيو ملازمن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ۾ ڇڪتاڻ تيز، آفيسون بند، ڌرڻو

ضلعي جي 5 ئي تعلقن جي روينيو آفيسن جي تالابندي ڪري ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي وئي ۽ اي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول رضوان عالم ميمڻ بدتميز آفيسر آهي هن پهرين پڻ ملازمن کي گارگند ڪئي : مظاهرين جون ڏانهون

جيستائين اي سي کي بدلي نہ ڪيو ويندو تيستائين ضلعي جون سموريون روينيو آفيسون بند رکيون وينديون

سجاول(رپورٽ ممتازعلي ٿهڙيو) سجاول ۾ روينيو ملازمن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ بعد ڊي سي آفيس سميت ضلعي جون سموريون روينيو آفيسون بند. ڌرڻو اي سي پاران ملازمن سان بدڪلامي ۽ گارگند ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

خيرپور جي ٻٽو چانڊيو جي رهواسين جو بااثرن ۽ پوليس جي ناجائزن خلاف مظاهرو

خرپور(رپورٽر) خيرپور جي ٻٽو چانڊيو جي رهواسين جو بااثرن ۽ پوليس جي ناجائزن خلاف زخمي عورت سان گڏ ڪري ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو نعريبازي بااثرن پاران نوجوان ناري کي ٽنگ ۾ گولي هڻي ڪري فرار متاثرن پاران ايس ايس پي خيرپور، ڊي آئي جي سکر کا نوٽس وٺي انصاف جو مطالبو ڪري ڇڏيو ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سجاول : اسسٽنٽ ڪمشنر خلاف ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪورنگي : تحريڪ انصاف يوسي 6 جي نامزد چيئرمين سان يوسي 6 جي وفد جي ملاقات

اڳواڻن ڊگهي عرصي کان هلندڙ پاڻي جي مسئلي تي ڳالهايو، ايم ڊي واٽر بورڊ سنگڙ چورنگي تي پٽ لڳائڻ جو يقين ڏياريو

گلشن ملت، باغ ڪورنگي، الحمرا سوسائٽي، صائم لگزري هومز ۽ حاجي عارفاڻي ڳوٺ مين روڊ جي تعمير جي منظوري ڏني وئي

ملاقات دوران فيضان خان پڻ موجود هو ۽ سمورن موجود وفد ٽائون چيئرمين گوهر علي خٽڪ جو شڪريو ادا ڪيو

ڪورنگي(رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف يوسي 6 جي نامزد چيئرمين راڻو لياقت علي خان سان گوهر علي خٽڪ جي يوسي 6 جي وفد سان ملاقات تفصل موجب پاڪستان تحريڪ انصاف يوسي 6 جي نامزد چيئرمين راڻو لياقت علي خان يوسي 6 جي وفد سان گوهر علي خٽڪ سان ملاقات ڪئي ۽ يوسي 6 جي ڊگهي عرصي کان هلندڙ بنيادي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، گوهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽون ڪوٽ پرسان صحت، تعليم ۽ علائقي ۾ امن قائم ڪرڻ جي حوالي سان سيمينار

شهيد دودو سومرو فائونڊيشن جي چيئرمين عبداللطيف سومرو، سابق ايم پي اي عبدالواحد سومرو، مانجهي خان سومرو، سيد سجاد حسين شاهه ۽ ٻين جي شرڪت

شهيد دودو سومرو فائونڊيشن جو مقصد هن پٺتي پيل علائقي جي غريب پورهيت ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ انهن کي روزگار ڏيارڻ آهي : اڳواڻ

هن علائقي جي غريب ماڻهن کي صحت جو سهولتون فراهم ڪري روزگار ڏياريون ۽ هتان جي غريب ٻارن کي سٺي تعليم ڏياري هن علائقي جو نالو روشن ڪيون

ٺٽون ڪوٽ(رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان ڳوٺ ٻجل سومرو ۾ شهيد دودو سومرو فائونڊيشن پاران صحت، تعليم ۽ علائقي ۾ امن قائم ڪرڻ جي حوالي سان سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ سوين علائقي واسين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شهيد دودو سومرو فائونڊيشن جي چيئرمين عبداللطيف سومرو، سابق ايم پي اي عبدالواحد سومرو، مانجهي خان سومرو، سيد سجاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽالپروڏا شهر ۾ اڄ رات صوفي فقير غلام محمد ٽالپر جي 86 ورسي ملهائي ويندي

ٽالپروڏا(ٽالپروڏا(رپورٽر) ٽالپروڏا شهر ۾ اڄ رات صوفي فقير غلام محمد ٽالپر جي 86 ورسي ملهائي ويندي، ورسي ۾ ٽاليوارا صوفي فنڪار فقير منورابڙو، صدرالدين شاهسهراب فقير جو سنگ ۽ ٻيا سروڪيريندا ورسي جو افتتاح مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتح خواني سان ڪيو ويندو خبر موجب ٽالپروڏا شهر ۾ ٽاليواري صوفي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽون ڪوٽ : سيمينار دوران اڳواڻ ربن ڪاٽي رهيا آهن

ٺٽي سيمينٽ فيڪٽري جي مالڪن پاران مقامي ماڻهن سان ڏاڍايون جاري

برطرف ٿيل ڪيترن ئي ملازمن ٺٽہ سيمينٽ فيڪٽري جي گيٽ آڏو هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو، سخت نعريبازي

سيمينٽ فيڪٽري انتظاميہ ڪين بلاجواز نوڪرين تان برطرف ڪري اسان جي ٻچن جي روزي کسي وئي آهي : مظاهرين

اسان کي بنا جواز نوڪرين تان هٽائي پريشان ڪيو ويو آهي، نوڪرين تي بحال ڪري پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي شهيد چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم پاڪستان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاران ٺٽي جي مقامي ماڻهن مان بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ گورنمنٽ سيڪٽر هيٺ ٺاهيل ٺٽو سيمينٽ فيڪٽري جنهن کي بعد ۾ پرائيوٽائز ڪري نجي سيڪٽر ۾ ڏنو ويو جنهن کانپوءِ ٺٽو سيمينٽ فيڪٽري جي مختلف مالڪن پاران مقامي ماڻهن سان ڏاڍايون جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 24 نومبر 2023ع

ڌاڙا، اغوا ۽ ڦُر پوليس جا 'مرغوب مشغلا' بڻجندا وڃن!

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو فرض عوام جو تحفظ ڪرڻ آهي پر جڏهن انهن ئي ادارن جا اهلڪار پنهنجو بنيادي فرض پورو ڪرڻ بدران ان جي ابتڙ عمل ڪرڻ لڳن ۽ اهي ئي ڪم ڪرڻ لڳن، جيڪي امن دشمن ۽ ڌاڙيل عناصر ڪندا آهن ته اهڙي صورتحال ۾ عوام جي تحفظ جي ذميواري ڪيئن پوري ٿي سگهندي؟ سنڌ جي ڪچي ۾ ته ڌاڙيلن جا ٽاڪ ۽ ٽم آهن پر سنڌ جي گاديءَ وارو شهر ۽ ميگا سٽي ڪراچي به هاڻي ڦرلٽ ۽ اغوا جي ڪارروائين جي حوالي سان گهڻو اڳتي وڌندو وڃي. پوليس ۽ قانون جي محافظن طرفان ماڻهن جي ڦرلٽ ۽ اغوا جا واقعا اڳ ۾ به رپورٽ ٿيندا رهيا آهن ۽ اهڙي تازي وارادات اها آهي ته ڪراچي جي اورنگي ٽائون ۾ زير تربيت ڊي ايس پي جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس اهلڪارن ۽ خانگي ماڻهن هڪ واپاريءَ جي گهر مان هڪ ڪروڙ، 90 لک رپيا ۽ 80 تولا سون ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا. آءِ جي سنڌ طرفان ڊي آءِ جي جي سربراهي ۾ جوڙيل جاچ ڪميٽي جي رپورٽ ۾ ايس ايس پي سائوٿ عمران قريشي ۽ زير تربيت ڊي ايس پي عمير طارق باجاري ۽ سندن اهلڪارن کي ڏوهاري قرار ڏنو ويو آهي. ايس ايس پي کي عهدي تان هٽايو ويو آهي، جڏهن ته ڊي ايس پي عمير طارق باجاري کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي ۾ جتي هڪ ئي وقت ڪيئن مافيائون متحرڪ رهنديون آهن، منشيات، دهشتگرديءَ جي نيٽ ورڪ ۽ سليپر سيلز جي ثابتي ملندي رهي آهي. اسٽريٽ ڪرائيم عروج تي آهي. سياست جي ڇٽيءَ هيٺان پلجندڙ ڏوهاري مافيائن جا عقوبت خانا به هن شهر ڏٺا. جيئرن جاڳندڙ انسانن جي جسمن ۾ ڊرل مشينن سان سوراخ ڪيا ويندا هئا. ڀتو نه ملڻ تي فيڪٽرين کي باهه لڳائي ويندي هئي، سوين پورهيتن کي جيئرو ساڙيو ويندو هو ۽ هن شهر ٽارگيٽ ڪلر کي ايترو ته فعال ڏٺو جو اهو گمان ٿيندو هو ته ڄڻ انهن کي ماڻهو مارڻ جو لائسنس مليل هجي. گهرن، سرڪاري ملڪيتن، پيٽرول پمپن، بينڪن توڙي زنده انسانن کي باهيون ڏيئي شعلن تي شيطاني رقص ڪري چيو ويندو هو ته هن شهر جي روشنين جي شهر واري ٽائيٽل جو دفاع ڪري رهيا آهيون. ان جي باوجود به صورتحال اها جو قاتلن تائين قانون پهچي نه سگهندو هو. "خبر ڪانه ڏي ته، رڃ ڪجاڙي رنديا". انڌو ته انصاف هوندو آهي پر هن شهر ۾ قانون به سماعت ۽ بصارت وڃائي ويٺو هو. ڪراچي ۾ وفاقي حڪومت طرفان شروع ڪيل ٽارگيٽڊ آپريشن ڪانپوءِ امن امان جي صورتحال ڪجهه بهتر ته ٿي پر پوري به ڏوهارين جو قصو تمام ٿي نه سگهيو. ويتر اهي به پنهنجو حصو ڏوهاري سرگرمين، اغوا ۽ ڦرلٽ ۾ ملائڻ لڳا، جن جو بنيادي ڪم عوام جو تحفظ آهي، جن جو تعلق پوليس کاتي سان آهي. ڪراچي جهڙي ميگا سٽي ۾ اهو اڳ ۾ به ٿيندو آيو آهي. اهڙين ڪارروائين جي ثابتي ڊي آءِ جي، سي آءِ اي سميع الله مروت واري دور کان وٺي مختلف دورن ۾ لڳاتار ملندي رهي آهي. مٿي ڄاڻايل وارادات ۾ مک جوابدار ايس ايس پي سائوٿ عمران قريشي ۽ ڊي ايس پي عمير طارق باجاري ڄاڻايل آهي. رپورٽ موجب، ايس ايس سائوٿ موجب، ڪجهه دهشتگردن جي موجودگي ۽ انهن وٽ هٿيار ۽ پئسا هجڻ جي ڄاڻ ملي، جيڪي دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿي سگهيا ٿي، پر سوال اهو آهي ته، ايس ايس پي آخر ڪيئن هڪ زير تربيت ڊي ايس پي کي اهڙي اهم ۽ حساس اسائنمينٽ ڏني؟ خبرن موجب عمير طارق پاڻ واپاري جي گهر جي ٻاهران ڪار ۾ ويٺو رهيو ۽ اندر سادن ڪپڙن وارا خانگي ماڻهو ڦرلٽ ڪندا رهيا، جن جي باري ۾ اهو چيو ويو ته اهي حساس ادارن جا اهلڪار آهن. ان کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ پڻ هڪ شهري پنهنجي وڊيو بيان ذريعي سي ٽي ڊي اهلڪارن تي اهو الزام هنيو ته انهن کيس اغوا ڪري ابتو ٽنگي مٿس تشدد ڪيو ۽ 30 لک رپين جي گهر ڪئي. بعد ۾ ٽن لکن تي آيا، جيڪا رقم آڻيندڙ کي سي ٽي ڊي گارڊن آفيس گهرايو ويو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڏوهن ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. ظاهر آهي ته اهڙا ڏوهه انفرادي طرح ڪي اهلڪار نٿا ڪري سگهن، ڪنهن نيٽ ورڪ سان سلهاڙيل ضرور هوندا. ڏوهن جي سرپرستي ۽ ڏوهارين جي پشت پناهي ڪندڙن کي پڌرو ڪيو وڃي.

مردن جو عالمي ڏينهن ڪيئن گذريو!

زبير سومرو

19 نومبر تي مردن جو عالمي ڏينهن هو. الائي ڪيئن آيو ۽ گذري به ويو مجال آهي جو ڪنهن واٽس ايپ گروپ ميسيج ۽ سوشل ميڊيا تي ڪا پوسٽ رکي هجي. جيڪو عورتن جي ڏينهن تي ملڪ ۾ پائيتال هوندو آهي، ان جو پنج ڏهه سيڪڙو به هجي ته ڪٿي مڃجي به!

"اڄ جو مرد عورت هٿان شديد ذهني تشدد جو شڪار آهي." هي بيان پنهنجي باهه لڳائڻ لاءِ ڪافي آهي. عورت جي مظلوميت جو ٽڪو پنهنجي جاءِ تي، عورت جي عظمت جا داستان به ٺيڪ. عورت جو احترام ۽ تقدس به اکين تي. پر معصوميت، مظلوميت، نفاست ۽ وفاداري جي دعوائن جي باوجود، عورت جي شخصيت جو ٻيو پاسو به آهي. ان ٻئي پاسي ۾ هوءَ صفا مختلف آهي. بلڪل مرد جي بدنامِ زمانه ڪردار وانگر! عورت به، مرد وانگر پنهنجي هر روپ ۽ رشتي ۾ مرد کي بُري طرح ٽارچر ڪري ٿي. چڱو ڀلا، هڪڙو ڪم ٿا ڪريون. جنهن جي به هٿ ۾ هن وقت هي مضمون آهي، اُن کي گذارش آهي ته هي مضمون مڪمل پڙهڻ کان پوءِ ويٺي ويٺي هڪ ننڍڙي سروي ڪري. ايمانداري، سروي جو پهريون شرط آهي. شروعات پاڻ کان ڪريو. توهان جي شخصيت سان عورتن جا ڪهڙا رشتا آهن: ماءُ، ڀيڻ، زال، ڌيءُ، ڀاڄائي، سالي، سَس، نُنهن وغيره لاڳاپيل آهن. سروي جو سوال نامو هي آهي ته، ڇا توهان جي گهر ۾ موجود پهرين عورتن (ماءُ ۽ ڀيڻ) ۽ پوءِ آيل عورتن (نُنهن، ڏيراڻي ۽ ڀاڄائي) جا پاڻ ۾ تعلقات ڪيئن آهن؟ اوهان جي شاديءَ کان پوءِ آيل عورت (زال) جا پنهنجي نڻان ۽ سَس سان تعلق ڪيئن آهن؟ سَس ۽ نُنهن جي رشتي ۾ مرد کي گهربل عزت ملي ٿي؟ مرد لاءِ اهو ڪيترو ڏشوار آهي ته هڪ ئي وقت ٻنهي ڌرين کي خوش رکي سگهي؟ جيڪڏهن انهن سوالن جو جواب 'نه' آهي ته پوءِ عورت جي ٻئي روپ واري حقيقت ثابت ٿئي ٿي. توهان ڀلي هن سروي جو نتيجو ڪنهن کي به نه ٻڌايو، پر پنهنجي ذهن ۽ ضمير آڏو رکو. توهان پنهنجن ويجهن عزيزن ۽ دوستن مان ڪوڙ سارن جي ذاتي زندگين مان به واقف هوندؤ. ڇا انهن جي گهر جا مرد پنهنجين عورتن جي گهريلو سياست(Home Politics)جي ور چڙهي، ڪيترائي ذهني تشدد جو شڪار آهن.

سڄي دنيا وانگر پاڪستان ۾ جنسي هراسمينٽ هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي. اهو صنفي مسئلن جي لسٽ ۾ شامل نه هو اوباش مردن کان جنسي هراس ٿيندڙ عورت کي چيو ويندو هو ته، "مرد هوندا ئي اهڙا آهن. عورت پاڻ ٺيڪ آهي ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي." مردن جي جنسي هراس ڪرڻ جي عمل بابت اهو بڪواس قسم جو بيانيو هو جنسي طور تي تنگ ڪرڻ جي عمل کي جُرم نه بلڪ هڪ سماجي برائي سمجهيو ويندو هو ڪم جي جڳهين (Workplace)تي تنگ ڪرڻ وارن جي خلاف ڪوبه قانون موجود ڪونه هو. سلام آهي ڊاڪٽر فوزيه سعيد ۽ ان جي ساٿياڻين کي، جن هڪ مهم هلائي، قومي سطح تي توجهه ڏياري ۽ اسيمبلين مان بل پاس ڪرايو اڄ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۾ جزوي ئي سهي، پر عمل ۾ آهي. چڱن ڀلن ڦرٽين ڪرسين تي ويٺل تيس مار خانن کي عورتن کي جنسي هراس ڪرڻ جي ڏوهه ۾ خبر پئجي وئي ته گهٽين وبهين سڙ آهي.

ٽي وي ڊراما سماج جا عڪاس آهن. سمورن هندستاني ۽ پاڪستاني چئنلن تي تفريح جي نالي ۾ جيڪي ڊراما سيريل هلن ٿا، هڪڙا ختم ٿين ٿا ته ٻيا شروع ٿين ٿا. انهن ڊرامن جي ڪهاڻين جي مسئلن تي ٿورو غور ڪريو ڀلي ڪهاڻيون ۽ ڪردار ٻيا ٻيا هجن پر موضوع سڀني جو هڪڙو آهي. گهر اندر 'عورتن جي پاور پاليٽڪس.' سڄو ڊرامو خاندان جي مظلوم ترين فرد يعني مرد جي ارد گرد ڦرندو آهي. مرد جي ماءُ، ڀيڻ، زال، ٻيٽين زال، محبوبا مرد تي "پيار ۽ پاور" جي سياست ڪندي نظر اينديون. مرد، سڄي ڊرامي ۾ هڪ انتهائي بيوقوف ۽ واڙو شخص ڪري ڏيکاريو ويندو آهي. اهي عورتون هڪٻئي کي نيچو ڏيکارڻ لاءِ مرد جي شخصيت ۽ جذبات کي فٽبال بڻائي ڪيڏنديون آهن. يونيورسٽين ۾ جينڊر ڊپارٽمينٽ يعني صنفي ترقيءَ جي شعبي جون سربراهه گهڻو ڪري عورتون آهن. هروڀرو اهو باور ڪرايو ويو آهي ته صنف جي شعبي جو سربراهه مرد نه ٿو ڪري سگهي. جهڙي طرح گائناڪالاجي جون ڊاڪٽر نوانوي سيڪڙو عورتون آهن. ميڊيڪل ڪاليج ۾ چار پنج سال ڪو ايجوڪيشن ۾ پڙهندڙ ۽ هيومن اناٽامي جي سبجيڪٽ ۾ مرده اگهاڙن انساني جسمن تي سکيا جا تجربا ڪندڙ اڪثر ڊاڪٽرياڻيون گائني جي معاملي ۾ مريض عورت جي مرد کان پردو ڪندي، نه ملنديون آهن.

غيرشادي شده نوجوان ڇوڪرين کان پڇي ڏسو ته سندس خوابن جو شهزادو ڪيئن هجڻ گهرجي؟ اڪثريت جو جواب هوندو ته ڇوڪرو صفا اڪيلو هجي، اڳيان پٺيان ڪوئي نه هجيس. نه پيءُ، ماءُ جي پٽ، نه ڀائرن ڀينرن واري ديکھه. نه گهٽن مٿن مائٽن واري ڪيچل معنيٰ صفا يتيم، لاوارث! اهڙو ڇورو ڇنو ته ايڌي سينٽر مان ملي سگهي ٿو شاديءَ کان پوءِ هر زائفان جي وڏي ۾ وڏي خواهش ساهرن کان جدا ٿي الڳ گهر وٺڻ آهي. ان خواهش کي پورو ڪرڻ ۾ هوءَ هر جتن ڪري ٿي. جيستائين گڏيل خاندان ۾ مڙس واري لالوءَ جي لشڪر سان هندستان پاڪستان جهڙا حالات پيدا نه ڪندي ته تيستائين ظاهر آهي، ان جي الڳ گهر واري عظيم خواهش ڪيئن پوري ٿيندي. بس پوءِ هوءَ آزاديءَ جي تحريڪ هلائيندي. گهر ۾ هر وقت "لاءِ اينڊ آرڊر" جي بگڙجندڙ صورتحال کي قائم دائم رکڻ مکيه سرگرمي هوندي آهي. مرد ڪم ڪار تان ٿڪيو ٽٽيو موٽندو ته مُنهن ۾ پهرين ماءُ يا ڀيڻ ملندس. زال جي شڪايتن جو باهه ٻاريندڙ راڳ ديپڪ شروع ڪنديون. وري جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿيندو ته ڊيئر ڊارلنگ گلاجو گلر اڳ ئي وڃائي تيار ويٺي هوندي. همراهه جي ماني ئي زهر، سڪون ئي ڇٽ!

معاشري ۾ وڏا معتبر ۽ تُرم خان گهر اندر ڪڪڙ خان بڻيل هوندا آهن. اهو ڪو فطري ناهي پر گهر جي رشتن جي معاملي ۾ مرد فيئر رهڻ چاهيندو آهي. سڀني کي برابر جا حق ڏيڻ چاهيندو آهي. جيڪو گهر جي عورتن کي پسند نه هوندو آهي. شڪارپور ۽ نثري نظم جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس، جنهن ڏينهن ڀاءُ سان ملڻ سندس گهر ويندو آهي، ان ڏينهن هُن جي گهر ۾ تمجهڻ هوندو آهي. ادبي سنگت جو هڪ ٻيو ميمبر پنهنجي ڀاءُ سان هوٽل ۾ لڪي ملندو آهي، متان زال کي خبر نه پئي. مون کي حيدرآباد جي هڪ ناماري اديب جي دل جي نرمي ۽ بي وسيءَ تي رحم آيو. جڏهن هُن پنهنجي غريب بيمار سڳي ڀاءُ (جيڪو پڻ سنڌ جو ادب ۽ سياست ۾ هڪ وڏو نالو هو) جي لاءِ گهر واريءَ جي خوف کان دوائون لڪي ورتيون. لڪائڻ جو سبب پڇيومانس ته اکيون ڦوٽاري چيائين: "گهر مان ڪيرائيندين ڇا؟" هند سنڌ جو عظيم انقلابي شاعر، ڪراچيءَ ۾ ڳوٺان آيل پنهنجي نياڻيءَ سان هوٽل ۾ ملندو هو ته متان سندس مائيلي ماءُ کي خبر پئجي وڃي. جڳ جهان کي آدرش جا آفاقي سبق ڏيندڙ شاعر ۽ اديب پنهنجين محترمائن کي اهو سمجهائي نه سگهندا آهن ته هو پنهنجن سڳن رشتن جا حق ادا ڇو نه ڪن.

اڪثر شادي شده ڇوڪرا وڏي ويل ۾ هوندا آهن. ڇورا ڪن به ڇا، وڃن ڪاڏي؟ هُو زال ۽ ڀيڻ کي برابر جي عزت، پيار ڏيڻ چاهيندا آهن ۽ هڪ جيترو خيال ڪرڻ چاهيندا آهن.

مرد زال جي لاءِ ڪا گفٽ وٺي اچي ته خوشيءَ ۾ نه پئي ماپجندي ۽ جي خبر پئيس ته ساڳي گفٽ هُن ڀيڻ يا ماءُ لاءِ به آندي آهي ته مومل جي چهري جي جاگرافي ڏسڻ وٽان هوندي. اوهان، مرد توڙي عورتون، پنهنجي هانءَ تي هٿ رکي الله لڳ ڳالهه ڪريو ته مرد ڪيڏي ڪوشش ڪندو آهي، ڀيڻ ۽ زال کي هڪ جيتري عزت ۽ اهميت ڏيڻ جي. اهو ڏري گهڻ ناممڪن آهي ته مرد زال ۽ ڀيڻ ٻنهي کي شاپنگ تي وٺي وڃي ۽ ٻنهي کي هڪ جهڙيون ۽ هڪ جيتريون شيون وٺي ڏي ۽ آخر ۾ گهر اچڻ تائين ٻنهي جو مُوڊ خراب نه ٿئي؟ آخر مسئلو ڪهڙو آهي؟ معاملو ڇا آهي؟ ٻئي پاسي ماءُ يا ڀيڻ پنهنجي ڪنواري ڀاءُ کان ٿانءُ ٻهاريءَ کان وٺي لٽا ڪپڙا ڌوئڻ تائين سمورا ڪم وٺنديون، جنهن ۾ ڪا به خرابي ناهي ۽ تقريبن سڀ ڪندا به آهن. پر اُن ساڳئي ڇوڪري اگر ڪم ڪار ۾ پنهنجي زال کي ڪا مدد ڪئي ته ماءُ ۽ ڀيڻ مِهڻا ڏئي ڏئي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيندس.

صدين کان سَس نُنهن جي مهاڀاري مها يُڌ جا سبب آخر آهن ڪهڙا؟ نڻان ڀاڄائي جي جنگ ڇا تي آهي؟ ڏيرپي جو ويريو ڪهڙين ملڪيتن تي آهي؟ هڪ نُنهن جي پنهنجن ساهُري عورتن سان مستقل جهيڙن جو بُڻ بنياد ڇا آهي؟ ڀلا شهري ۽ ڄاٽي (ناٽي) يا سالي ڀيٽوئي جو جهيڙو ڪڏهن ٻُڌو؟ ايڏي وڏي سماجي معاملي کي ڪل ڀوڳ ۽ طنزمزاح ۾ ٽاريو ويندو آهي. جهڙي طرح اڄ کان ويهه پنجويهه سال اڳ جنسي هراسيت (Sexual Harassment)هڪ مسئلو نه هو هراس ٿيندڙ عورت کي اهو چيو ويندو هو ته مرد ايئن ئي هوندا آهن. عورت پاڻ ٺيڪ آهي ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. ايتري قدر جو جنسي هراسيت ملڪي قانونن ۾ پڻ جرم جي لسٽ ۾ شمار نه هو شاباس آهي ڊاڪٽر فوزيا وهاب، مليحا ۽ انهن جي ساٿياڻين کي، جن معاملي تي ڏينهن رات ان تي محنت ڪري، قانون سازي ڪرائي ۽ جنسي هراسمينٽ اڄ نه صرف هڪ ڪرائيم آهي، بلڪ هڪ قابل سزا ڏوهه آهي. چڱن ڀلن معتبرن، يونيورسٽين جي استادن، وڏن وڏن ڪامورن، آفيسرن ۽ ٻين ڪيترن کي (Protection against Harassment of Women at Workplace Act, 2010)يعني "ڪم ڪرڻ واري جاءِ تي عورتن کي جنسي طور تي حراس ڪرڻ خلاف قانون 2010" جي خلاف ورزي سبب سخت کان سخت سزائون ملي چڪيون آهن. ساڳي طرح عورتن جي گهريلو سياست جي انهيءَ پسنديده سرگرمي (Women Home Politics)اڄ جي دؤر ۾ اهم سماجي مسئلن جي لسٽ ۾ ناهي ۽ هڪ Non_Issue طور سمجهيو ويندو آهي. اڄوڪي هن مضمون جو اهو ئي مقصد آهي ته ذهني تشدد جي شڪار مرد جي موضوع کي اڄ جي اهم صنفي مسئلن (Gender Issues)جي لسٽ ۾ شامل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪجي.

پاڀوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سڄڻين:
اَلَستُ بِرَبِّڪُمر، چيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

سنڌ جي آبادگارن سان انصاف ڪير ڪرائيندو

عبدالمجيد بروهي

گذريل سال پوري سنڌ جي اندر طوفاني برساتن سبب هر طرف قيامت صغرا وارو ماحول هيو سنڌ جا مارو ڙا پنهنجا ڪچا پڪا گهر ڇڏي وڏن شهر ۽ محفوظ پناهه گاهن ۾ منتقل ٿي ويا هيا هر طرف پاڻي ئي پاڻي جو راڄ هيو سارياليو فصل پاڻي جي لپيٽ ۾ اچي ٻڌي تباهه ٿي ويو هيو ان بعد سنڌ جي اڪثر ضلعن ۾ ڪڻڪ جو فصل پڻ گهٽ ٿيو هيو جن ۾ لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ ۽ دادو ضلعو سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيا هيا ماڻهون روڊن رستن تي سرڪاري ۽ فلاحي ادارن جي رحم ڪرم تي اچي ويا هيا پر پوءِ جڏهن سندن ڳوٺن مان پاڻي جو راڄ ختم ٿيڻ لڳو ۽ سنڌ واسي پنهنجن ماڳن ڏانهن واپس ورڻ لڳا ان بعد جڏهن هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ ۾ سارياليءَ فصل جي پوکائي جو وقت اچي پهتو ته ان دوران هنن هارين ۽ آبادگارن جي ڏکن سورن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو پوري سنڌ اندر هڪ ته اڪثر ڪري نقلي ٻج ۽ ڀاڻ ۽ زرعي دوائون وڪرو ٿينديون آهن جنهن سبب ڪمپنين جا مالڪ منافعي خور ڊيلرن ۽ دڪاندارن کي قيمتي گفٽ سمت ٻاهرين ملڪ جن ۾ اڪثر ڪري سنڌ جا اهي منافعي خور واپاري فرمائش ڪري باڪو شهر گهمڻ ويندا آهن جنجو سمورو خرچ اهي نقلي ٻج ۽ زرعي ڀاڻ ناهيندڙ ڪمپنين جا مالڪ ڀريندا آهن ۽ ٻيا جيڪي گهٽ مال وڪرو ڪري سگهندا آهن انهن کي آل پاڪستان جو ٽوئر ڪرايو ويندو آهي ڇوڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته هڪ طرف سنڌ واسين کي گذريل سال جي مها برساتن تباهه ڪيو هيو وري انهن کي هن سال اهي نقلي ٻج ۽ زرعي ڀاڻ وڪرو ڪندڙ لٽ مار ڪري ڦري لٽي رهيا آهن صرف اهو نه پر منافعي خور واپاري ڪين بليڪ تي ڊي اي پي ڀاڻ ۽ يوريا ڀاڻ وڪرو ڪري رهيا سرڪاري اگهه کان ٿي چار هزار وڌيڪ ڊي اي پي ڀاڻ تي وٺي هارين سان ظلم ڪري رهيا آهن جنهن سبب هاري سخت مايوسي جو شڪار آهن هن وقت سارين جو بمپر فصل پچي چڪو آهي سارين جو ان مارڪيٽ ۾ پهچي چڪو آهي هن وقت ڀاڻ ٻج وڪرو ڪندڙ واپارين سان گڏ ڪارخانيدار پڻ ڦرلٽ ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان آهن جيڪو سارين جو اگهه هن وقت انهن واپارين ڪارخانيدارن مقرر ڪيو آهي ان سان هارين آبادگارن پاران پنهنجن فصل تي ڪيل خرچ به مشڪل سان نڪري ٿو باقي بچت ڪجه به نه ٿو ٿي ان کان علاوا ڪارخانيدارن پاران جيڪا ڪٽوتي ڪئي ٿي وڃي اهو پڻ هارين سان ظلم آهي ان هوندي به هن وقت تائين هارين آبادگارن سان ايڏي ظلم باوجود هارين جي حقن جا علمبردار بڻيل هارين جي نالي تي وڏا وڏا فنڊ وٺي هڙپ ڪندڙ هاري اڳواڻ خاموش آهن اهو سڀ ڪجه جيڪو هارين آبادگارن سان ظلم واپاري ڪري رهيا آهن ان باجود سرڪاري علمدار ۽ هاري اڳواڻ ۽ انساني حقوق وارا خاموشي سان تماشو ڏسي رهيا آهن هن وقت سارين جي فصل ڪانپوءِ ڪڻڪ جو پوکائي جو عمل پڻ شروع ٿي چڪو آهي انجي ڪري سنڌ جا اڪثر ڀاڻ ٻج ۽ زرعي دوائون وڪرو ڪندڙ واپاري ڪڻڪ جي بيجاري زرعي دوائن ڊي اي پي ڀاڻ يوريا ڀاڻ جا اگهه چوٽ چاڙهي هارين کي لٽڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري وارهه ۽ نصيرآباد جي سماجي ڌرين پاران حقوق هاري آبادگار تحريڪ شروع ڪري چڪا آهن جنهن جي پهرين مرحلي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن ٻئي مرحلي ۾ سارين جا اگهه گهٽ هجڻ يوريا ڊي اي پي ڀاڻ جا اگهه وڌيڪ وٺڻ ۽ ڪارخانيدارن پاران ناجائز ڪٽوتي خلاف لاڙڪاڻو ٻاءِ پاس تي ڌرڻي جون تياريون ڪيون ويون آهي ان جي لاءِ انهن سماجي اڳواڻن جي مدد لاءِ تمام سياسي سماجي مذهبي ڪاروباري ڌرين کي آبادگارن جي مدد لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي ۽ ناجائز ڪٽوتين ۽بليڪ تي ڀاڻ ٻج ۽ نقلي زرعي دوائون وڪرو ڪندڙن جو گهيرو تنگ ڪري هارين ۽ آبادگارن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو وڃي

بقايا *** 01

کي مائنس ڪرڻ چاهي پيئي. اڳوڻي صدر اها به دعويٰ ڪئي ته عمران خان پاڪستان کي اڪيلي ۾ اڪيلو ڪري ڇڏيو ۽ ملڪي معيشت کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ان لاءِ عمران خان حڪومت خلاف بي اعتمادي رٿ آڻڻ درست فيصلو هو هن چيو ته عمران خان کي اقتدار کان ڌار نه ڪيو وڃي ها ته هو هڪ فوجي سان گڏجي آر او اليڪشن ڪرائي 2028 تائين حڪومت ناهي وٺي ها. پوءِ هڪ ڪلو ڪير لاءِ ترڪ پري پيسا ڏيڻا پون ها هن ان يقين جو اظهار ڪيو ته ملڪ ۾ عام چونڊون 8 فيبروري تي ئي ٿينديون. ان لاءِ سندس پارٽي ڀرپور چونڊ مهم هلائيندي.

بقايا *** 02

۾ برڪس بابت اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪيو. اميد آهي ته برڪس طرفان اسان جي درخواست تي عمل ڪيو ويندو. ٻئي پاسي روس ۾ پاڪستاني سفير محمد خالد جمالي چيو ته رڪنيت واري عمل دوران پاڪستان روس جي مدد تي اعتماد ڪري رهيو آهي. برڪس برازيل، روس، ڀارت، چين ۽ ڏکڻ آفريڪا تي ٻڌل گروپ آهي جنهن ۾ هلندڙ سال آگسٽ ۾ 13 ورهين ڪانپوءِ واڌ ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 03

ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن رياست سڀني دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ انهن جي حوصلاافزائي ڪندڙن خلاف "مڪمل قوت" سان ڪارروائي ڪندي. ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم ۽ جبر تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ ڀارتي فورسز طرفان انساني حقن جي مسلسل ڀڃڪڙين جي مذمت ڪئي. فورم چيو ته پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو. فورم چيو ته ڪشمير مسئلي جو مستقل حل گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب ڪشميرين کي حق خوداراديت ڏيڻ ۾ ئي آهي. فورم پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته پاڪستان فلسطيني عوام جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي طور تي مڪمل حمايت ڪري ٿو فلسطين جي مسئلي تي پاڪستان جي اصولي موقف کي ورجائيندي فورم چيو ته پاڪستان 1967 ع کان اڳ واري سرحدن ۽ القدس کي ان جي گاديءَ واري هنڌ جي بنياد تي فلسطين مسئلي جي ٻه رياستي حل جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. درپيش چيلنجز جي باوجود پاڪستان ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران پريشاني ۽ غير يقيني صورتحال ۾ گهٽتائي آئي آهي. جڏهن ته اميد، اعتماد ۽ استحڪام ۾ اضافو ٿيو آهي. فورم ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته ذاتي مقصدن لاءِ مايوسي پيدا ڪندڙ مخصوص عنصرن جي ڪوشش کي ثابت قدمي ۽ هاڪاري قدمن جي تسلسل ذريعي پاڪستاني عوام جي مڪمل حمايت سان شڪست ڏني ويندي. ڪانفرنس جي شريڪ ٿيلن چيو ته پاڪ فوج جتادار استحڪام ۽ سلامتي جي سفر ۾ قوم جو دفاع ۽ خدمت جاري رکندي. فورم پڌرائي ۾ اهو به چيو ته غيرتمند پاڪستاني عوام پرعزم ۽ متحد رهي.

بقايا *** 04

ٻڌايو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن لاءِ مڪمل تيار آهي ۽ تڪبندين جي حتمي فهرست 30 نومبر تي شائع ٿيندي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته اليڪشن ڪميشن سياسي پارٽين جي مشاورت ڪانپوءِ ضابطہ اخلاق جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جنهن نوٽيفڪيشن ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ جاري ڪيو ويندو. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن اٺ فيبروري 2024 ع جمعي جي ڏينهن سموري ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا *** 05

صحافين سان ڳالهيون ڪندي صوبائي گهرو وزير برگيڊيئر(ر) حارث نواز چيو ته انڊر ٽريننگ ڊي ايس پي کي اهڙي طرح جون ذميواريون نه گهرجن. اسان واقعي تي فوري طور تي ڪارروائي ڪئي. ڊي ايس پي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ ايف آءِ آر به ڪٽي وئي آهي. سخت سزا ڏيارينداسين. سنڌ جي نگران گهرو وزير چيو ته ايس ايس پي جي غلطي آهي آءِ جي پوليس ڪيس معطل ڪري ڇڏيو آهي. ايس ايس پي جي خلاف به ضروري ڪارروائي ڪئي ويندي. هڪ سوال جي جواب ۾ برگيڊيئر(ر) حارث نواز چيو ته پوليس جي قيادت سٺي آهي ۽ مان ان مان مطمئن آهيان. نگران حڪومت اچڻ کان پوءِ ڪچي جي علائقن ۾ ڏوهه ته ٿيا آهن.صوبائي گهرو وزير چيو ته پوليس جي سپاهي جي پگهار 60 کان 70 هزار روپيه آهي. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا عوام جي خدمت لاءِ آهن. ياد رهي ته واپاري منصور شيخ الزام لڳايو هو ته 24 آڪٽوبر جي رات گلشن اقبال 13 ڊي ۾ ڊي ايس پي عمير طارق واردات ڪئي. ڊي ايس پي عمير طارق منهنجي گرفتاري لاءِ گلشن اقبال 13 ڊي ۾ ڇاپو هنيو ۽ جڏهن مان نه مليس ته منهنجي ڀائيٽي جي اکين تي پٽي ٻڌي گلزار هجري ۾ منهنجي گهر آندو ويو.هن ٻڌايو ته 2 ڪلاڪن جي تلاشي دوران جوابدار گهر ۾ 2 ڪروڙ روپيه ڳوليندا رهيا گهر جو لاڪر توڙي ڏيڍ لک روپيه، پرائز بانڊ، گهڙيون، پستول ۽ موبائيل فون کڻي ويا. گذريل ڏينهن گرفتار ڊي ايس پي عمير طارق باجاري کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو جتان کان سندس هڪ ڏينهن جو ريمانڊ منظور ڪيو ويو هو.

بقايا *** 06

جو فيصلو ڪري ورتو آهي. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪوهيڙي جي روڪٿام بابت ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪوهيڙي کان بچاءُ وارن قدمن تي غور ڪيو ويو.اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته لاهور سميت پنجاب جي 10 ضلعن ۾ جمعي ۽ ڇنڇر جي ڏينهن تعليمي ادارا بند رهندا. لاهور، فيصل آباد، گوجرانوالا، سرگودها، ساهيوال ۽ ملتان ڊويزن ۾ تعليمي ادارا بند رهندا.اجلاس کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو ته پنجاب حڪومت 10 هزار شاگردن کي اليڪٽرڪ موٽر سائيڪلون سبسڊي تي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته اسان مارڪيٽن کي مڪمل طور تي بند ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيون. جمعي ۽ ڇنڇر تي مارڪيٽون ٻنپهرن جو 3 وڳي کلنديون جڏهن ته آچر جي ڏينهن مارڪيٽون مڪمل طور تي بند رهنديون محسن نقوي چيو ته ڪوهيڙي سبب متاثر ٿيل ضلعن ۾ هوٽلون به جمعي ۽ ڇنڇر تي 3 وڳي کان پوءِ کلنديون. آچر جي ڏينهن مال روڊ صبح کان شام 5 وڳي تائين سائيڪلن وارن لاءِ کليل رهندو.پنجاب جي نگران وڏي وزير وڌيڪ چيو ته ڪوهيڙي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مصنوعي برسات لاءِ به تياريون شروع ڪيون ويون آهن.

بقايا *** 07

ڪرٽلي بابت جيڪو چيو اهو حقيقت تي ٻڌل ناهي. ٿر جو ڪوئلو 1991 ع ۾ دريافت ٿيو هو. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ڪول اٿارٽي 1995 ع ۾ 10 هزار 560 ميگاواٽ جا پاور پلانٽس کي ايم او يو تي صحيحون ڪيون. 1995 ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو ٿرڪول رٿا جي افتتاح ڪئي. جڏهن ته نواز شريف جي حڪومت ٿر منصوبي تي ڪم بند ڪرائي ڇڏيو هو. هن چيو ته ٿرڪول رٿا تي پرڏيهي سيڙپڪار ڪم ڪري رهيا هئا اهي واپس هليا ويا. 2008 ع ۾ جڏهن پ پ جي حڪومت آئي ته ٻيهر پرڏيهي سيڙپڪارن سان رابطو ڪيو. بدقسمتي سان پرڏيهي سيڙپڪارن چيو ته اسان پاڪستان ۾ ڪم نه ڪنداسين. مراد علي شاهه موجب. ان ڪانپوءِ سنڌ سرڪار پنهنجي ڪول مائننگ ڪمپني ناهي. سنڌ حڪومت جي ڪوشش ۽ چين جي دٻاءَ تي وفاقي حڪومت سنڌ سان رابطو ڪيو. وفاق سنڌ کي 2015 ع ۽ 2016 ع ۾ گارنٽي ڏني. مراد علي شاهه چيو ته 2013 ع واري چونڊن ڪانپوءِ بدقسمتي سان نواز شريف حڪومت منصوبي تي ڪم سست ڪيو. ٿرڪول ۾ چار پاور پلانٽس لڳي چڪا آهن. ٽن جو افتتاح بلاول ڀٽو زرداري ڪيو. چوٿين پاور پلانٽس جو افتتاح اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف جي دور ۾ ٿيو. 1997 ع کان 2008 ع تائين ٿرڪول رٿا تي ڪو به ڪم نه ٿيو هو هن وڌيڪ چيو ته ان ليول تي حقيقت تي ٻڌل ڳالهيون ڪرڻ گهرجن نه ته ساک خراب ٿيندي آهي. هن نواز شريف کي مشورو ڏيندي چيو ته جتي ڪريڊٽ هجي ولو هتي ڪريڊٽ نه هڻڻ برابر آهي.

بقايا *** 08

ڪنهن تباهه ڪيو مريم نواز چيو ته نواز شريف جي ملڪ کان ٻاهر هئڻ سبب ملڪ ۾ مهانگائي ۽ ٻيا مسئلا پيدا ٿيا

بقايا *** 09

ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نيپرا پڌرائي موجب، وفاقي حڪومت جي درخواست تي نيپرا واڌو سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏني. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته ڪي اليڪٽرڪ صارفين تي واڌو سرچارج ڊسمبر 2023 ع کان نومبر 2024 ع تائين لاڳو رهندو. اضافي سرچارج سبب ڪي اليڪٽرڪ جي صارفين تي 24 ارب 50 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ جو واڌو بوجهه پوندو. پڌرائي موجب، نيپرا منظوري ڪانپوءِ فيصلو وفاقي سرڪار ڏانهن اماڻيو ويو آهي.ذريعن جو چوڻ آهي ته وفاقي حڪومت سر چارج لاڳو ڪرڻ جو حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪندي. نوان اگهه ڪي اليڪٽرڪ جي لائيف لائين صارفين تي لاڳو نه هوندا.

بقايا *** 10

ڪيو ويو آهي.ان حوالي سان ايس ايڇ او گمبٽ ٻڌايو ته فوتي شاگرد بيمار هيو جيڪو ميڊيسن کائيندو هيو ساهه جي تڪليف ۾ پڻ مبتلا هيو جيڪو پرائيوٽ گهر ۾ رهندو هيو سندس ڪمري مان دوائون به مليون آهن خدشو آهي ته بيماري سبب فوت ٿيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. ذريعن موجب ڪاليج جا چار شاگرد خانگي جڳهه تي رهندا هئا جنهن مان هڪ ڳوٺ ويل هو. جڳهه تي رهندڙ شاگردن موجب اسان صبح جو چانهه پيئڻ لاءِ وياسين ته ذيشان مرده حالت ۾ مليو. ٻئي پاسي گمس جي ڊائريڪٽر ٻڌايو ته فوت ٿيل شاگرد جي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو آهي اهي پهچندا جنهن کان پوءِ شاگرد جي پوسٽ مارٽم بابت اهي ئي فيصلو ڪندا.

بقايا *** 11

ٻڌايو ته اداڪين واري معاهدي تي عمل ڇو نه ڪيو ويو آهي؟وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته قانون موجب هلڻو آهي ته پوءِ مون کي جواب جمع ڪرائڻ جو وقت ڏيو. هن سموري ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جو فيصلو اختيارن جي دائري کان ٻاهر هو چيف جسٽس چيو ته توهان ٻڌايو ته اسان ڪهڙي اختيار جي دائري ۾ هي ڪيس ٻڌي رهيا آهيون؟ وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته اهو ئي ته مان به سوچي رهيو آهيان.چيف جسٽس چيو ته توهان جي چوڻ تي سروي ڪرائي وئي جيڪا توهان جي خلاف وئي، هاڻي زمين جو ٻيهر ريليو ڪرايو ته اهو به توهان جي خلاف ويندو.وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته مون کي سروي رپورٽ پڙهڻ جو موقعو ڏنو وڃي. منهنجي استدعا آهي ته سروي رپورٽ تي جواب لاءِ وقت ڏنو وڃي.چيف جسٽس چيو ته اسان جو جواب "نه" آهي. توهان اڄ رات هتي آهيو. اسان توهان کي ٻڌنداسين. وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته توهان مون سان اوچي آواز ۾ نه ڳالهايو. مون کي اهو پسند نه آهي ته ڪير مون سان رڙيون ڪري ڳالهائي.چيف جسٽس چيو ته اسان رڙيون نه پيا ڪيون ۽ نه وري توهان کي اهڙي اجازت ڏينداسين. اسان رات تائين ويٺا آهيون. وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته مان وڌيڪ ويهي نه ٿو سگهان. چيف جسٽس چيو ته اسان توهان کي ڪرسي ٿا ڏيون ويهي دليل ڏيو. وڪيل ڪرسي وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته توهان جنهن فيصلي تي عملدرآمد ڪرائي رهيا آهيو اهو غلط آهي. چيف جسٽس چيو ته اسان عملدرآمد نه پيا ڪرايون توهان پاڻ معاهدي ۾ شامل ٿيا هئا.وڪيل سلمان اسلم چيو ته ان راضپي سان ٿيل معاهدي کي توهان ختم ڪري ڇڏيو.چيف جسٽس چيو ته اسان فيصلي جو هڪ لفظ به تبديل نه ٿا ڪري سگهون.وڪيل چيو ته انصاف جي تقاضا آهي ته سروي رپورٽ تي موقف ٻڌو وڃي.چيف جسٽس چيو ته انصاف جون ڳالهيون ٻاهر ميڊيا ۾ وڃي ڪريو. وڪيل سلمان اسلم بٽ چيو ته ميڊيا تي نه ڪڏهن ڳالهايو آهي ۽ نه وري ميڊيا لاءِ عدالت ۾ ڳالهايان ٿو. مناسب ٿيندو ته اڄ وڌيڪ ٻڌڻي نه ڪئي وڃي.چيف جسٽس چيو ته ٻڌڻي اڄ ئي مڪمل ڪنداسين

بقايا *** 12

گوهر صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن جي فيصلي سان تمام گهڻو ڏک پهتو آهي. اليڪشن ڪميشن انصاف جون گهرجون پوريون نه ڪيون آهن. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن اهو نه چيو آهي ته پارٽي چونڊون آئين موجب نه ٿيون آهن پر اهو چيو هو ته ڪاغذ پورا نه آهن. اسان اليڪشن ڪميشن جي انٽرا پارٽي چونڊن واري ڪيس جي فيصلي کي چيلينج ڪنداسين.ياد رهي ته پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن جو معاملو اليڪشن ڪميشن ۾ 2022 کان ٻڌڻي هيٺ آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان پي ٽي آءِ کي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. چونڊ ايڪٽ موجب سمورين سياسي پارٽين کي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي.

بقايا *** 13

سياڻي شروع ٿيندي. اسرائيلي اخبار جو چوڻ آهي ته حماس اڃا تائين قيدين جي آزاد ٿيڻ جي فهرست فراهم نه ڪئي آهي. قيدين جي آزاديءَ لاءِ حتمي معاهدو ٿيڻ تائين جنگ بندي نه ٿيندي. اسرائيل جي قومي سلامتي واري صلاحڪار چيو آهي ته جنگ بندي رٿابندي مطابق اڳتي وڌندي. يرغمالين جي پهرين گروهه کي جمعي تي آزاد ڪيو ويندو. جمعي کان اڳ ڪوبه قيدي آزاد نه ڪيو ويندو.اسرائيل جي قومي سلامتي واري صلاحڪار وڌيڪ چيو ته حماس ۽ اسرائيل وچ ۾ قيدين جي آزاديءَ جو عمل اصل معاهدي موجب شروع ٿيندو. نيوز ايجنسي موجب اسرائيل طرفان حملا جمعي تائين جاري رهندا.ان کان اڳ اسرائيلي اهلڪار جو چوڻ هو ته 4 ڏينهن واري عارضي جنگ بندي اڄ پاڪستاني وقت موجب ڏوپهر 1 وڳي شروع ٿيندي. عارضي جنگ بندي معاهدي تحت حماس طرفان اسرائيل کان 150 فلسطيني عورتن ۽ ٻارن کي آزاد ڪرڻ جي بدلي ۾ 50 يرغمال عورتن کي آزاد ڪيو ويو ۽ ٻارن کي آزاد ڪيو ويندو

بقايا *** 14

. ديو آنند پبلڪ ايڊمنسٽريشن ۾ چائنا مان گريجوئيشن ڪئي آهي هن جو وڏو ڀاءُ انيل ڪمار به پاڪ فوج ۾ پهرين هندو ليفٽيننٽ ڪرنل گذريل سال مقرر ڪيو ويو آهي. پائلٽ آفيسر ديو آنند پي اي ايف اصغر خان اڪيڊمي رسالپور مان ڪميشن وٺي پاس آئوٽ ٿيو آهي ڄاڻايل پائلٽ آفيسر طور ڪميشن حاصل ڪرڻ تي هندو برادري سميت ٽنڊو باگو جي شهرين خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا *** 15

ايم اين اي ڪيئل داس سان ملاقات ڪئي.نيغو خان تيغاڻي ايندڙ اليڪشن ن ليگ جي ٽڪيٽ تي وڙهڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته جيڪب آباد ۽ ڪشمور ضلعن جو عوام ترقي ۽ امن چاهي ٿو.نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ چيو آهي ته سنڌ ۾ وڌيڪ سرپرائيز ڏينداسين ن ليگ جو مقصد ترقي يافته سنڌ آهي

بقايا *** 16

آهي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته بحريه ٽائون ڪراچي سان 16 هزار 896 ايڪڙ زمين جو معاهدو ٿيو هو. هن وقت بحريه ٽائون جو 19 هزار 931 ايڪڙ زمين تي قبضو آهي رپورٽ موجب بحريه ٽائون جو هن وقت طئي ٿيل معاهدي کان 3 هزار 31 ايڪڙ واڌو زمين تي قبضو آهي رپورٽ موجب بحريه ٽائون جو ملير ضلعي ۾ 813 ايڪڙ ۽ ڄامشورو ۾ 2 هزار 222 ايڪڙ زمين تي قبضو آهي رپورٽ سپارڪو سروي آف پاڪستان ۽ فاريسٽ کاتي جي مدد سان تيار ڪئي وئي. سپريم ڪورٽ گذريل ٻڌڻي تي بحريه ٽائون جي قبضي هيٺ زمين جي سروي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو

بقايا *** 17

اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر علي اصغر سيال، گهرو سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ، ڪمشنر ڪراچي محمد سليم راجپوت، سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن محمد علي کوسو، سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڪور 5، پاڪستان رينجرز ۽ پوليس جي نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سمورن ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ ۾ عام چونڊن جي حوالي سان سڪيورٽي ۽ ٻين انتظامن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيو ته سنڌ حڪومت اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي شفاف، منصفاڻي ۽ محفوظ چونڊن لاءِ پرامن ماحول پيدا ڪري رهي آهي. هن چيو ته پولنگ اسٽيشنن تي سمورين سهولتن جي دستيابي کي يقيني بڻايو ويندو. اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي حساس پولنگ اسٽيشنن تي سي سي ٽي وي ڪيمرا لڳايا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي مڪمل سهڪار فراهم ڪندي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن کي هدايت ڪئي ته معذورن جي سهولت لاءِ هر پولنگ اسٽيشن تي ريمپ جي تعمير کي يقيني بڻايو وڃي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهاڻ چيو ته عام چونڊن لاءِ پولنگ عملي جي ڀرپور تربيت ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن ضلعي رٽرننگ آفيسرن، رٽرننگ آفيسرن سميت سموري پولنگ عملي جي تربيت کي يقيني بڻائيندو هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن جي گذريل اجلاس ۾ ڏنل هدايتن جي روشني ۾ اڄ هڪ جائزو اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ قومي اسيمبلي جي 61 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 130 سيٽن تي چونڊون ٿينديون. صوبي ۾ 19 هزار 200 پولنگ اسٽيشنون ناهيون وينديون. چونڊن ۾ سڄي صوبي ۾ 2 لک 27 هزار 424 سرڪاري ملازمن جون خدمتون ورتيون وينديون. اجلاس ۾ پوليس عملدارن ٻڌايو ته سڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ عام چونڊن ۾ 1 لک 45 هزار 334 پوليس اهلڪار سڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندا.

بقايا *** 18

جي معاملن بابت هڪ اهم اجلاس اڄ سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ سيڪريٽري اطلاعات کاتي جي آفيس ۾ منعقد ٿيو ان موقعي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي، سيڪريٽري شعيب احمد، ڊائريڪٽر جنرل لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي سيد شبيه الحسن، ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ فورس راجا طارق چانڊيو، ايڊيشنل سيڪريٽري ميونسپلٽيز مقبول احمد، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ بورڊ آف روينيو آفيسرن سميت ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ هاڪس بي جرنلسٽس ڪالوني ۽ سنڌ جي صدر ۽ سيڪريٽري پاران صحافي ڪالوني جي زمين جي، آئوٽ پلان، ليز ۽ ٻائونڊري وال جي تعمير مڪمل ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو. صحافي ڪالوني جي ايراضي تي ڪيل قبضي جي خاتمي تي ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ سيڪريٽري حڪومت جو شڪريو ادا ڪيو ويو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ڪراچي پريس ڪلب جي باقي 700 ميمبرن لاءِ پلاٽن جي الاٽمينٽ لاءِ زمين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جنهن تي سيڪريٽري اطلاعات پاران ان سلسلي ۾ عمل کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اجلاس ۾ ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ سيڪريٽري صحافين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت، اطلاعات کاتي ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي سهڪار تي شڪريو ادا ڪيو

بقايا *** 19

وفاق ۾ ڀشسو صوبن کان گڏ ٿيندو آهي هن چيو ته صوبن کي ڪمزور ڪرڻ ۽ صوبائي خودمختياري کي رول بيڪ ڪرڻ جي سازش آهي. نثار کهڙي چيو ته سياسي پارٽين کي اقتدار جي جدوجهد ۾ آئين تي حملي جو اوزار نه بڻجڻ گهرجي.

بقايا *** 20

عدالتي حڪمن تي عمل ٿيڻ تائين آفيسرن جا ڪارڊ بلاڪ رهندا عدالت اپر ۽ سينٽرل ضلعن جي رهائشي علائقن ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏنو هو ايس بي سي اي جي رپورٽ موجب رهائشي بنگلن جي زمين تي قائم 10 خانگي اسڪول ۽ 39 دڪان سيل ڪيا ويا آهن عدالت اسڪول جي مالڪن پاران آپريشن روڪڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي، عدالت چيو ته ٻارن جي تعليم بابت غير قانوني اسڪول قائم ڪرڻ وقت سوچيو ها

بقايا *** 21

صنعت ۽ ڪامرس عبدالرشيد سولنگي، چيف آپريٽنگ آفيسر ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪمپني اسد الله خان، مئنيجنگ ڊائريڪٽر انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي نعيم مغل، سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ، سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ڪي اليڪٽرڪ ۽ سوئي سدرن گيس ڪمپني جي نمائندن کان علاوه سائيٽ ايسوسيئيشن جي جاويد بلواڻي نارٿ ڪراچي انڊسٽريل ايريا (نڪاٽي) جي چيئرمين عمران معز خان، لانڍي انڊسٽريل ايريا (LATI)جي صدر سراج منو ڪورنگي انڊسٽريل ايريا (ڪاٽي) جي صدر مسعود نقي، بشير جان محمد ۽ ٻين صنعتڪارن وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا چيو ته نگران وڏي وزير جي هدايت تي صوبي ۾ صنعتن جي مسئلن جي حل لاءِ قائم ڪيل ڪوآرڊينيشن ڪميٽيءَ تي ٻڌل فورم جو پهريون اجلاس اڄ طلب ڪيو ويو آهي. ته جيئن صنعتڪارن جا مسئلاحل ٿي سگهن. انهن کي ٻڌو وڃي ۽ انهن جي تجويزن ۽ راين جي روشنيءَ ۾ انهن مسئلن جي حل لاءِ موثر قدم کنيا وڃن. اجلاس ۾ سيڪريٽري صنعت سنڌ عبدالرشيد سولنگي سنڌ حڪومت جي طرفان صنعتي زونن جي حوالي سان کنيل قدمن بابت تفصيلي آگاهه ڪيو سيڪريٽري صنعت ٻڌايو ته صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا جي نگران صوبي جي مختلف صنعتي زونن جي دوري جي موقعي تي صنعتڪارن کان مليل تجويزن ۽ راءِ جي روشني ۾ صنعت کاتي پاران ڪورنگي انڊسٽريل زون، انڊسٽريل زون، نوري آباد انڊسٽريل زون، نارٿ ڪراچي انڊسٽريل زون، سائيٽ ڪراچي، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۽ ٻين لاڳاپيل صنعتي زونن جا تڪڙا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪي قدم کنيا ويا آهن ۽ اهو سلسلو جاري آهي. اجلاس ۾ اڪثر صنعتي زونن جي نمائندن صنعتي علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، انفراسٽرڪچر جي بهتري، غيرقانوني حدخلين هٽائڻ ۽ بجلي ۽ گيس جي بلارنڊڪ فراهمي تي زور ڏنو. اجلاس ۾ ڪيترن ئي صنعتي زونن جي صنعتڪارن چيو ته ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪمپني جي لائينن ۾ ڪافي عرصي کان پاڻي ناهي، پر مسلسل ڪروڙين روپين جا پاڻي جا بل اچي رهيا آهن. اجلاس ۾ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪمپني جي چيف آپريٽنگ آفيسر ٻڌايو ته ڪي ڊبليو ايس سي جو فوڪل پرسن موقعي تي مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن جن ڪمپنين جو ڪنيڪشن متاثر ٿي انهن جو مسئلو حل ڪيو وڃي. هن چيو ته ڪراچي ۾ هن وقت پيئڻ جي پاڻي جي ضرورت 1200 ملين گيلن آهي جڏهن ته ڪراچي کي 550 ملين گيلن پاڻي ملي رهيو آهي. اجلاس ۾ نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ڪي ڊبليو ايس سي کي هدايت ڪئي ته صنعتن کي گهربل پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ موثر پلان جوڙيو وڃي. هن هدايت ڪئي ته ڪراچي جي سمورن صنعتي زونن ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ ڪي ڊبليو ايس سي هر زون لاءِ پنهنجو فوڪل پرسن مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ته جيئن هر فوڪل پرسن پنهنجي لاڳاپيل صنعتي زونن ۾ صنعتن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽينڪر ذريعي پاڻي جي فراهمي ممڪن آهي. اجلاس ۾ صنعتڪارن مطالبو ڪيو ته ڪي ڊبليو ايس سي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۾ اسٽيڪ هولڊرز جي نمائندن کي شامل ڪيو وڃي. صنعتڪارن جي نمائندن جو چوڻ هو ته سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران گئس پريشر ۾ اوچتو گهٽتائي سبب صنعتي عمل سخت متاثر ٿي رهيو آهي. ان جي ازالي لاءِ قدم کنيا وڃن. ان حوالي سان نگران وزير محمد يونس ڍاڳا سوئي سدرن گيس ڪمپني جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو سمورن صنعتي زونن ۾ گئس پريشر جي ڪوٽ بابت صنعتن کي اڳواٽ ئي آگاهه ڪن ته جيئن گهٽ پريشر جي صورت ۾ صنعتڪار اڳواٽ ئي متبادل انتظام ڪري سگهن ۽ صنعتي عمل کي نقصان کان بچائي سگهجي ٿو اجلاس ۾ نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا چيو ته نگران صوبائي حڪومت صنعتن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. صنعتن جا مسئلا جلد کان جلد حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي صنعتڪارن تجويز ڏني ته ملير ايڪسپريس وي کي بن قاسم انڊسٽريل اسٽيٽ سان ڳنڍڻ سان صنعتن سان لاڳاپيل ماڻهن کي شهر ۾ جلد پهچڻ ۽ ٽريفڪ جام ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو جنهن تي محمد يونس ڍاڳا سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سان اجلاس منعقد ڪري ان تجويز کي عمل جوڳي بڻائڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا *** 22

سماجي ڀلائي، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ رورل ڊولپمينٽ سنڌ جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ کين سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي پيش ڪئي. سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز يو ڊي اي ٽيم کي پليڪار ڪندي ٽيئن چونڊيل چيئرمين ڊاڪٽر فرخ رئوف، صدر ڊاڪٽر وارث علي، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محسن مينگل سميت ڪابينا جي سمورن ميمبرن کي مبارڪباد ڏني. وفد پرائمري هيلٿ سينٽرن ۾ صحت جي بنيادي ڍانچي تي ڌيان ڏيڻ تي ڊاڪٽر سعد خالد نياز جي ڪوشش کي ساراهيو پرائمري هيلٿ ڪيئر سروسز جي اپ گريڊيشن ۽ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتالن ڊي ايڇ ڪيوءِ انهن سينٽرن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. وائي ڊي اي وفد سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز کان اير ڊي ڪيٽ پيپرليڪ جي ڪردار کي بي نقاب ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو. ڊاڪٽر سعد خالد نياز ينگ ڊاڪٽرز ايسوسي ايشن کي انهن جي سفارشن تي عمل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته يو ڊي اي سنڌ ڪابينا صحت کاتي سان گڏجي ڪم ڪندي ته جيئن اسپتالن جي ڪميونٽي سروسز ۽ انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائي ۽ عوام کي بنيادي طبي سهولتون يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا *** 23

لاءِ صوبائي ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس چيف سيڪريٽري جي آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ 7 ڏينهن واري پوليو مهم جي تياري، ان تي عملدرآمد ۽ ڪارڪنن جي سيڪيورٽي بابت ڪيترائي فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ ڪمشنر ڪراچي محمد سليم راجپوت، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم رند، ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ ارشاد علي سوڍر ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي، جڏهن ته اجلاس ۾ سمورن ضلعي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پوليو وائرس جي مجموعي صورتحال ۽ ان جي روڪٿام جو جائزو ورتو ويو. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ايمرجنسي آپريشن سينٽر سنڌ جي ڪوآرڊينيٽر ارشاد علي سوڍر ٻڌايو ته ڪراچي مان پوليو وائرس جا 2 ڪيس سامهون آيا آهن. جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي. ڪراچي ۾ هاڻي پوليو مهم موثر طريقي سان هلائي ويندي. ارشاد علي سوڍر وڌيڪ ٻڌايو ته پوليو مهم لاءِ عملي جي تربيت ۽ سيڪيورٽي پلان مڪمل ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيو ته پوليو کان بچاءُ واري مهم کي موجوده هاءِ رسڪ يونين ڪائونسلن ۾ موثر انداز ۾ شروع ڪيو وڃي ته جيئن خاطر خواه نتيجا حاصل ڪري سگهجن. ان سلسلي ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پوليو مهم جي سخت نگراني ڪن ۽ پنهنجي لاڳاپيل آفيسرن کي روزاني جي بنياد تي رپورٽ پيش ڪن چيف سيڪريٽري سنڌ صحت کاتي کي هدايت ڪندي چيو ته سمورن ريلوي اسٽيشنن ۽ بس اڏن تي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا وڃن. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته مهم دوران خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا وڃن. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم پوليو مهم دوران مڪاني ادارن جي نمائندن جي تعاون کي ساراهيو. ياد رهي ته 27 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم ۾ 13 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا ويندا. جنهن ۾ 80 هزار کان وڌيڪ پوليو ورڪر ۽ سپروائيزر حصو وٺندا.

بقايا *** 24

رهيو آهي ته جيئن انساني امداد غزه تائين پهچي سگهي.اسلام آباد ۾ هفتيوار بريفنگ دوران پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو ته اسان سمجهون ٿا ته امن ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي. غزه ۾ 6 هزار کان وڌيڪ ٻارڙا شهيد ٿيا. جيڪي غزه جي آبادي جو 40 سيڪڙو آهن.هن چيو ته هن هفتي ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي. غزه ٻارن لاءِ سڀ کان ڏکيو علائقو بڻجي ويو آهي. ترجمان چيو ته پاڪستان هن هفتي ڊينمارڪ، فنلينڊ ۽ سويڊن سان سياسي مشاورت ڪري رهيو آهي.ممتاز زهرا بلوچ چيو ته ڊينمارڪ سان سياسي مشاورت 21 نومبر تي ٿي هئي. سويڊن سان سياسي مشاورت اڄ ٿي رهي آهي جڏهن ته فنلينڊ سان به مشاورت سڀاڻي ٿيندي. ترجمان جو چوڻ آهي ته نگران وزيراعظم ٻهرين ۽ 2 ڊسمبر تي گڏيل عرب امارات ۾ ٿيندڙ سي او پي 28 ۾ شرڪت ڪندو ۽ موسمياتي تبديلي تي پاڪستاني نقطہ نظر پيش ڪندو.ممتاز زهرا بلوچ وڌيڪ چيو ته والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي هٿياربند فوج جي مقرري ٻارن لاءِ سخت صدمو آهي. ترجمان چيو ته ان ڳالهه جي تصديق ڪرڻ لاءِ پاڪستان برڪس ۾ شموليت لاءِ باضابطه درخواست ڏني آهي. پاڪستان اهو فيصلو جوهانسبرگ ۾ برڪس بابت اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪيو. اميد آهي ته برڪس اسان جي درخواست تي عمل ڪيو ويندو.

بقايا *** 25

ڪاٽي ميرپورخاص جي طرفان لائيو اسٽاڪ ڪاٽي جون ٽيمون روزاني جي بنياد تي مالوندن کي مختلف موذي مرضن کان بچاءُ لاءِ ويڪسينيشن جو ڪم ڪري رهيون آهن. ان سان گڏوگڏ ڇوپايو مال مالڪن کي ڪانگو وائرس کان بچاءُ لاءِ آگاهي ڏني پئي وڃي جڏهن ته ان حوالي سان ضلعي جي مختلف تعلقن ميرپورخاص، شجاع آباد، ڊگهڙي، ڪوٽ غلام محمد، جهڏو نئون ڪوٽ، سنڌڙي، حسين بخش مري، ٻين تعلقن ۾ روزانو مفت ڪئمپون لڳائي ويڪسينيشن ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 26

سون 650 رُپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ ٻه لک 15 هزار 850 رُپين جي ٿي ويو آهي ان ڪانسواءِ ڏهه گرام سون جي قيمت 557 رُپيا لاٿ ڪانپوءِ هڪ لک 85 هزار 57 رُپيا آهي.عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون ڇهه ڊالر سستو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ هزار 996 ڊالرز جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 27

محمد ۽ نگران صوبائي وزير صنعت ۽ روينيو يونس ڍاڳا گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ سياحتي جڳهن جي بهتري، نيون صنعتن جي قيام لاءِ سازگار حالتن جي فراهمي، صوبي جي آمدني وڌائڻ لاءِ قدمن ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي سنڌ جي گورنر چيو ته صوبي جي سياحتي هنڌن تي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته صنعتي علائقن ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ سيڙپڪاري کي وڌائڻ ضروري آهي نگران صوبائي وزيرن سنڌ جي گورنر کي پنهنجي لاڳاپيل کاتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

بقايا *** 28

موجب پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي ته 10 هزار شاگردياڻين کي سبسڊي تي اليڪٽرڪ موٽرسائيڪلون ڏنيون وينديون، جڏهن ته هنرادو مينهن جي تياري به ڪئي وئي آهي. صوبائي حڪومت لاهور سميت پنجاب جي 10 ضلعن ۾ جمعي، ڇنڇر ۽ آچر تي اسڪول ۽ ڪاليج بند رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پنجاب حڪومت شهرين کي سموگ کان محفوظ رکڻ لاءِ قدم کڻندي مٿيان اهم فيصلا ڪيا آهن.

بقايا *** 29

نگران ناڻي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر جي صدارت هيٺ اي سي سي جو اجلاس جاري آهي. ناڻي واري وزارت جو چوڻ آهي ته اي سي سي اجلاس ۾ 5 نڪاتي ايجنڊا تي غور ڪيو ويو آهي. 262 دوائن جي ريٽيل اگهه ۾ واڌ بابت سمري اجلاس ۾ پيش ڪئي ويندي.اجلاس ۾ 262 دوائن جي اگهن ۾ 15 کان 125 سيڪڙو تائين واڌ جي منظوري جو امڪان آهي. ان ڪانسواءِ ربيع سيزن 2023 لاءِ يوريا ڀاڻ جي درآمد تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويندو. سنڌ ۽ پنجاب لاءِ ڪڻڪ جي خريداري لاءِ ڪيش ڪريڊٽ بابت سمري تي غور ڪيو ويندو

بقايا *** 30

ڪئي جنهن دوران ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جي ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ جي اختيار تي به دليل مڪمل ڪيا ويا.درخواستگذار جو وڪيل شير افضل مروت پيش نه ٿيو جنهن تي ڪيس لکت ۾ دليل جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي. ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد جي اختيارن بابت عدالت 2 عدالتي مددگار مقرر ڪيا هئا. ٻنهي عدالتي مددگارن بيرسٽر صلاح الدين ۽ وقار رانا عدالت ۾ دليل ڏئي چڪا آهن.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهريار آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جي خلاف ايم پي او آرڊر معطل ڪري رکيو آهي ۽ ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد کي وڌيڪ ايم پي او آرڊر جاري ڪرڻ کان به روڪي رکيو آهي. هاڻ عدالت پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ۽ شانداڻه گلزار جا ايم پي او آرڊر ڪالعدم قرار ڏيڻ جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا *** 31

جي فراهمي جي سلسلي ۾ ڪئمپ ڪتب مال پڙي ۾ لڳائي وئي. ڊاڪٽر نظير احمد ملاح، ڊاڪٽر محمد علي ۽ ڊاڪٽر محمد ايوب پنهنجي نگراني ۾ اسپري ڪرايو ۽ مالوندن کي آگاهي ۽ دوائون فراهم ڪيون. ان موقعي تي ڊاڪٽر گل بهار ناريجو چيو ته ڪانگو وائرس خلاف مهم بابت اعليٰ اختيارن جي هدايت تي سختي سان عمل ٿي رهيو آهي ان ڏس ۾ مهم کي اڳتي وڌائيندي ٻين تعلقن ۾ پڻ اها مهم جاري رهندي جتي سرڪاري سطح تي مالوندن کي ڪانگو وائرس تي ضابطي بابت آگاهي ڏني ويندي جڏهن ته سياري واري موسم جي لحاظ کان جانورن کي ٻين مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ ڪاڌ خوراڪ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ دوائون پڻ ڏنيون وينديون ۽ ايندڙ مهينن ۾ احتياطي اپائن تي عملدرآمد لاءِ ڄاڻ ڏيڻ جو سلسلو جاري رهندو

بقايا *** 32

ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن رياست سڀني دهشتگردن، انهن جي سهولتڪارن ۽ انهن جي حوصلاافزائي ڪندڙن خلاف "مڪمل قوت" سان ڪارروائي ڪندي. ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارتي ظلم ۽ جبر تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ ڀارتي فورسز طرفان انساني حقن جي مسلسل ڀڃڪڙين جي مذمت ڪئي. فورم چيو ته پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو. فورم چيو ته ڪشمير مسئلي جو مستقل حل گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب ڪشميرين کي حق خوداراديت ڏيڻ ۾ ئي آهي. فورم پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته پاڪستان فلسطيني عوام جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي طور تي مڪمل حمايت ڪري ٿو فلسطين جي مسئلي تي پاڪستان جي اصولي موقف کي ورجائيندي فورم چيو ته پاڪستان 1967 ع کان اڳ واري سرحدن ۽ القدس کي ان جي گاديءَ واري هنڌ جي بنياد تي فلسطين مسئلي جي ٻه رياستي حل جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. درپيش چيلنجز جي باوجود پاڪستان ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران پريشاني ۽ غير يقيني صورتحال ۾ گهٽتائي آئي آهي. جڏهن ته اميد، اعتماد ۽ استحڪام ۾ اضافو ٿيو آهي. فورم ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته ذاتي مقصدن لاءِ مايوسي پيدا ڪندڙ مخصوص عنصرن جي ڪوشش کي ثابت قدمي ۽ هاڪاري قدمن جي تسلسل ذريعي پاڪستاني عوام جي مڪمل حمايت سان شڪست ڏني ويندي. ڪانفرنس جي شريڪ ٿيلن چيو ته پاڪ فوج جتادار استحڪام ۽ سلامتي جي سفر ۾ قوم جو دفاع ۽ خدمت جاري رکندي. فورم پڌرائي ۾ اهو به چيو ته غيرتمند پاڪستاني عوام پرعزم ۽ متحد رهي.

بقايا *** 33

ڪيو ويو آهي.ان حوالي سان ايس ايڇ او گمبٽ ٻڌايو ته فوتي شاگرد بيمار هيو جيڪو ميڊيسن کائيندو هيو ساهه جي تڪليف ۾ پڻ مبتلا هيو جيڪو پرائيوٽ گهر ۾ رهندو هيو سندس ڪمري مان دوائون به مليون آهن خدشو آهي ته بيماري سبب فوت ٿيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. ذريعن موجب ڪاليج جا چار شاگرد خانگي جڳهه تي رهندا هئا جنهن مان هڪ ڳوٺ ويل هو. جڳهه تي رهندڙ شاگردن موجب اسان صبح جو چانهه پيئڻ لاءِ وياسين ته ذيشان مرده حالت ۾ مليو. ٻئي پاسي گمس جي ڊائريڪٽر ٻڌايو ته فوت ٿيل شاگرد جي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو آهي اهي پهچندا جنهن کان پوءِ شاگرد جي پوسٽ مارٽم بابت اهي ئي فيصلو ڪندا.

بقايا *** 34

ڪاٽي ميرپورخاص جي طرفان لائيو اسٽاڪ ڪاٽي جون ٽيمون روزاني جي بنياد تي مالوندن کي مختلف موذي مرضن کان بچاءُ لاءِ ويڪسينيشن جو ڪم ڪري رهيون آهن. ان سان گڏوگڏ ڇوپايو مال مالڪن کي ڪانگو وائرس کان بچاءُ لاءِ آگاهي ڏني پئي وڃي جڏهن ته ان حوالي سان ضلعي جي مختلف تعلقن ميرپورخاص، شجاع آباد، ڊگهڙي، ڪوٽ غلام محمد، جهڏو نئون ڪوٽ، سنڌڙي، حسين بخش مري، ٻين تعلقن ۾ روزانو مفت ڪئمپون لڳائي ويڪسينيشن ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 35

مالوندن کي مختلف موذي مرضن کان بچاءُ لاءِ ويڪسينيشن جو ڪم ڪري رهيون آهن. ان سان گڏوگڏ ڇوپايو مال مالڪن کي ڪانگو وائرس کان بچاءُ لاءِ آگاهي ڏني پئي وڃي جڏهن ته ان حوالي سان ضلعي جي مختلف تعلقن ميرپورخاص، شجاع آباد، ڊگهڙي، ڪوٽ غلام محمد جهڏو نئون ڪوٽ، سنڌڙي، حسين بخش مري، ٻين تعلقن ۾ روزانو مفت ڪئمپون لڳائي ويڪسينيشن ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 01

پائليٽ آفيسر ديو آنند پي اي ايف اصغر خان اڪيڊمي رسالپور مان ڪميشن وٺي پاس آئوٽ ٿيو آهي جاتايل پائليٽ آفيسر طور ڪميشن حاصل ڪرڻ تي هندو برادري سميت ٽنڊوباگو جي شهرين خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 02

پورهيو وڌڻ ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني نه هجڻ ۽ سائبر ڪرائم سميت هر ڏينهن ڏوهن ۾ وڌندڙ اضافي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هنن وائيس آف يوٿ نيٽ ورڪ سنڌ ۽ اجرڪ نيوز گروپ سنڌ پاران انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن جي پچڪڙين، سائبر ڪرائم ۽ قانون جي حڪمراني جي موضوع تي منعقد ڪيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو. جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي سينيئر ۽ ايڊووڪيٽ دهشت گردي ٽوڙ عدالت جي اڳوڻي جج ۽ ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻو جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ايسوسيئيشن جي راشد مرتضيٰ سولنگي، انساني حقن لاءِ ڀاڻ پتوڙيندڙ سماجي ورڪر ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي وڪيل ايڊووڪيٽ جاويد علي ڪلهوڙو، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر نٿو مهرين اقبال، عورت سماجي اڳواڻ ۽ سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن جي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ مئنيجر ميڊم حميرا علي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ عبدالرزاق چانڊيو، پي ٽي آئي ضلعي صدر سيد امجد شاهه. اطلاعات سيڪريٽري مراد ساني، پي ٽي آئي ليڊيز ونگ صدر شهناز بلوچ، پ پ پ شهيد جو ضلعي صدر بابو احسان پتو، سنڌ جي انساني حقن سان لاڳاپيل کاتي جي ڊسٽرڪٽ آفيسر الطاف حسين تنيو ـ پاڪستان ليگل ايڊ سوسائٽي جي اڳواڻ ماجد احمد، امجد پليجو، ياسر جاکرو، حيدر شورو، پروگرام جا آرگنائزر وائيس آف يوٿ اڳواڻ قربان هالو اجرڪ نيوز گروپ سنڌ جي چيف ايگزيڪيٽو جاويد لطيف ميمڻ، ايڊووڪيٽ سيد وقاص شاهه، نريندر ڪمار، سماجي اڳواڻ عزيز سروان، پرنسپل ٽيڪنيڪل ڪالج نٿو سيف الدين عباسي، مقبول حفيظ، وومن پروٽيڪشن آفيسر نٿو پوليس ميڊم شبانا، سماجي تنظيم رائٽ ٽو پلي جي انچارج ميڊم عروج ـ تعمير خلق فائونڊيشن جي اڳواڻ دين محمد سميت نٿي جي صحافين محبوب بروهي ـ اقبال جاکرو ـ مرزا حسن بيگ ـ ممتاز سميجو، شيراز واريو ـ قادر جاکرو ـ اسماعيل ميمڻ، رشيد جاکرو ـ ساجد شيخ ـ عزيز پتو ـ انور پتو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نٿو جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي ميمبر ايڊووڪيٽ اصغر ڊولو نوجوان سماجي ڪارڪن سرفراز احمد ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ چيو ته سماجي شعور جي کوٽ سبب اڪثر ماڻهو بنيادي انساني حقن جي ڄاڻ کان محروم آهن. قانون ته ٺهن ٿا پر ان تي عمل نٿو ٿئي هنن چيو ته انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن جي قانون ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي ته خلاف ورزي جي صورت ۾ قانون کي عمل ۾ آندو ويندو. اهو چئي سگهجي ٿو ته اهڙي سماج ۾ سوشل ميڊيا جي شعور ۽ مثبت استعمال سان ڪيترين ئي ناانصافين بي نقاب ٿي سگهن ٿيون ۽ ڏوهارين کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سگهجي ٿو ان موقعي تي گڏيل طور تي ٺهراءُ پاس ڪري پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته اهڙن قانونن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، انساني حقن بابت قانون ۽ ماڻهن کي زندگيءَ جا بنيادي حق ڏيڻ. لاءِ بين الاقوامي سماجي ادارا انساني حقن جي قانونن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ عوامي مهم هلائين پروگرام جي آخر ۾ نوجوانن سميت سينيئر سٽيزنس ۾ اچيومنٽ سرٽيفڪيٽس ورهائڻ سميت مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 03

ڪيل گلشن امام هائوسنگ اسڪيم جو فراڊي راز ان وقت منظر تي آيو، جڏهن بلڊر پاران پراونشل روڊ جي ايراضي وٺان اڌ صديءَ کان هلندڙ سرڪاري مڊل اسڪول ڳاڙهو جو مين گيٽ به بند ڪري ڇڏيو جنهن تي اسڪول انتظاميا سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ضلعي انتظاميا سان لک پڙهه جو عمل شروع ڪيو ۽ ڊي سي ٺٽو کي پڻ درخواست ڪئي، جنهن اي سي گهوڙاٻاري کي هدايت ڪئي ته ناڪلاس نمبر 198 ۽ سروي نمبر 202 جي ماپ ڪئي وڃي. مذڪور زمين جي ماپ لاءِ مختيارڪار گهوڙاٻاري پنهنجي ٽيم سان پهتو ته بلڊر پاران ٽيون پيرو به ماپ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪري ماپ ڪرڻ نه ڏني جنهن سان هي تڪرار وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ اسڪول جو مين گيٽ بدستور بند آهي، ٻئي طرف روينيو کاتو گهوڙاٻاري هر پيري بلڊر جي دٻاءُ ۾ اچي ماپ کان لنوائي رهيو آهي، جڏهن ته بلڊر پاران اسڪول جي هيڊ ماستر کي مبينا موٽمار ميسيج اچي رهيا آهن. هن حوالي سان اهو پڻ راز کلي منظر تي آيو آهي ته هائوسنگ اسڪيم ۾ ڪجهه جعلي نمبر پڻ داخل ڪرايا ويا آهن جتي فرنٽ ۾ اڏاوتون ٿي رهيون آهن. مڊل اسڪول ڳاڙهو جي دعويدار پاران ناڪلاس بلاڪ 198 جي نمبر 179، 180، 181 ۽ 182 تي پڻ والار ڪئي پئي وڃي جڏهن ته اهي ساڳيا نمبر سال 1993ع کان ٽينڊر مختلف کلي ڪچهرين ۾ هاري اسڪيم تحت ورهاست لاءِ شيڊيول تي چڙهندا رهيا آهن ۾ درخواستگذار گهٽا هٿ ڪري تقسيم نه ٿي سگهيا. اهڙي راز کلڻ کانپوءِ ذڪر ڪيل هائوسنگ اسڪيم ۾ خريد ڪيل پلاٽ مالڪ سخت پريشان ٿي ويا آهن. ٻي پاسي هائوسنگ اسڪيم لاءِ حاصل ڪيل ايراضي جا اصل کاتيدار منظر تي اچڻ کان لنوائي رهيا آهن ۽ هن مبينا جعلسازي کان لا علمي جو اظهار ڪري رهيا آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڊي سي ٺٽو ۽ روينيو کاتو گورنمينٽ مڊل اسڪول جو گيٽ کلهن ٿر ڪولائي ۽ پنهنجي ادارن توڙي ايراضيءَ جي ڪيئن ٿو مالڪي ڪري.

بقايا سنڌيار 04

سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪندي نوجوان فدا حسين کهيري چيو ته 3 مهينا اڳ مون حيدرآباد جي عدالت ۾ بدين جي رهواسي ناري 18 سالہ نمرين سان پيار جو پرڻو ڪيو هو. 8 ڏينهن اڳ منهنجي زال مون کي نشي واريون گوريون ڏئي سنڌس سڱوٽ فتح محمد ولد جمعو کهيري سان گڏ نڪري وئي. فتح محمد کهيري گذريل هفتي کان سنڌس زال کي راجوٺي طور تي واپس ڪرڻ لاءِ ڪوڙا دلاسا ڏيندو رهيو پر گذريل ڏينهن مون کي فون ڪري ڦڙڪ ٻاهر ڪيئي تي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. هن چيو ته جاتايل شخص مان سخت جاني مالي نقصان جو خطرو آهي، هن چيو ته اسان اهڙي رپورٽ حيات خاصخيلي پوليس پوسٽ تي پڻ داخل ڪرائي آهي، هن اعلي اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته زال کي واپس ڪرائي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

علاج هلندڙ آهي ۾ ثقافت کاتي سميت ڪنهن به سار ناهي لڌي ثقافت کاتي سنڌ کي درخواستون ڏيڻ باوجود ڪابہ مدد ناهي ڪئي ان ڏس ۾ جيئي لطيف سنڌ سنگيت فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ صدر محمد پناهه مهر سول اسپتال سکر ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ثقافت کاتي سنڌ جي نگران وزير سيڪريٽري ثقافت ڊي جي ثقافت کاتي کان مطالبو ڪيو آهي ته اسپتال جي بستري تي پيل راڳي محمد يونس چنو جي مالي ۽ علاج لاءِ سهائتا ڪري سندس زندگي بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن جڏهن ته جيئي لطيف سنڌ سنگيت فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ماستر فتح علي سمون سينيئر نائب صدر جلال جوڳي ۽ ٻين فنڪارن پڻ راڳي فنڪار يونس چنو جي مالي سهائتا ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 06

جي پي اي او ڊاڪٽر غلام علي سولنگي، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر لبنا علي، صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ، تعليم، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا عملدار پڻ موجود هئا.هن پنهنجي خطاب ۾ چيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته پوليو کان بچاءُ قومي فرض آهي، ان ڪري اسان سيني کي هن خطرناڪ موذي مرض خلاف ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت جي صورت ۾ لاڳاپيل تعلقي سپروائيزر ۽ يوسي ميڊيڪل آفيسر ذميوار هوندا. جڏهن ته گذريل رائونڊ وانگر هن رائونڊ ۾ به بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليو ٽيمن کي ايوارڊ ۽ انعام ڏنا ويندا. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ضلعي هيلٿ آفيسر ٻڌايو ته 27 نومبر کان 3 ڊسمبر تائين پوليو خلاف مهم هلائي ويندي، ان مهم دوران ضلعي ۾ 3 لک 36 هزار 165 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لاءِ 874 موبائل ٽيمن، 73 فڪس سائيٽس، 41 ٽرانزٽ پوائنٽس سميت ڪل 988 ٽيمون ناهيون ويون آهن. جيڪي ضلعي جي پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريندي. ان مهم لاءِ ضروري انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 07

عبدالعزيز جوڻيجو چيو ته سنڌ جي تاريخي مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز اچي تمام وڏي خوشي ٿي آهي جو جو هيءُ سنڌ جو تاريخي اسڪول آهي جتان مستقبل جا معمار پيدا ٿين ٿا.

بقايا سنڌيار 08

. پروگرام جو افتتاح سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين جي پرووائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپائي پاران ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپائي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ماحولياتي گدلاڻ کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيمپس کي صاف رکڻ اسان سيني جي اجتماعي ذميواري آهي، پرووائيس چانسيلر نمائش جي پوزيشن ڪندڙ ڊپارٽمينٽ کي انعام ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون. نمائش ۾ پهرين پوزيشن بزنس ايڊمنسٽريشن، ٻي پوزيشن ڪامرس ۽ انگريزي ڊپارٽمينٽ، جڏهن ته ٽئين پوزيشن ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمينٽ ماڻي، چئني ڊپارٽمينٽ جي انچارج ڊاڪٽر خليل الرحمان پٽي، ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو، ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار ۽ پروفيسر عبدالقادر پاتولي ۽ استادن کي پڻ شيلڊ ڏنيو ويون. آخر ۾ آيل مهمان طرفان لاڙ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ شاگردن طرفان سجايل گلن وٽڻ جي نمائش جو دورو ڪرڻ کان پوءِ سندن واکاڻ ڪئي پلانٽيشن ۽ بيوٽيفڪيشن جي جي انچارج ڊاڪٽر عظيم اختر پٽي پرووائيس چانسيلر، انچارج ڊپارٽمينٽ، استادن ۽ شاگردن جو شڪريو ادا ڪيو ڊاڪٽر پٽي هن پروگرام ۾ تعاون ڪرڻ تي همدم فائونڊيشن ڊسٽرڪٽ بدين ۽ ڊپارٽمينٽ آف فاريسٽري بدين جو پڻ شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 09

هئي جنهن ۾ اها ليڪ ڪري پيسن تي ڪمائي وئي جنهن خلاف شاگردن سخت رد عمل ظاهر ڪيو هيو اها ٽيسٽ نگران حڪومت پيهر وٺڻ جو اعلان ڪيو ويو جيڪا هائي ڪجهه ڏينهن پهريان DOW پاران ورتي وئي جنهن ۾ (Answer Key) هڪ ڏينهن پهريان ليڪ ڪئي وئي اها ڪرپشن ڪري پيسن تي ڪمائي وئي شاگردن ۾ مايوسي واري زندگي ۾ پريشاني واري زندگي گذاري رهيا آهيون آخر اهو ظلم شاگردن سان ڪيستائين ڪيو ويندو دادو جي باشعور شاگردن نگران حڪومت مطالبو ڪندي چيو ٽيسٽ جي نتيجن کي رد ڪري شفاف اداري کان پيهر ورتي وڃي تعليم کي ڌنڌو بنائيندڙ کي گرفتاري ڪري سزا ڏني وڃي جيئن پيهر شاگردن سان ناانصافي ختم ٿئي.

بقايا سنڌيار 10

ناڪي دادو کان گم ٿي ويو هو جيڪو 13 سال گذري وڃڻ بعد به ملي نه سگهيو آهي جنهن جي ماءُ پڻ صدمي ۾ فوت ٿي وئي آهي. ڪاني شهرن ۾ ڳولا ڪئي ۽ پوليس ڏانهن ويس پر پت هٽ نه اچي سگهيو آهي. هن پٽ جي ڳولا لاءِ مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 11

ڏيان ڏنو وڃي ته جيئن پوليو مهم کي ڪامياب بنائي سگهجي ۽ ڪو به ٻار پوليو جي ڦڙن پيارڻ کان رهجي نه وڃي اجلاس کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر نياز حسين جمالي ٻڌايو ته صحت کاتي پاران پوليو مهم جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن هن چيو ته اگر جيڪڏهن 15 سالن تائين جو ٻار جيڪڏهن ڪمزور ٿي وڃي ته ان جو اطلاع ڊي ايڇ او آفيس دادو ۾ ڏنو وڃي ته جيئن ان ٻار جي ڪمزوري جا سبب معلوم ان علاج ڪري سگهجي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون صفدر حسين ميراڻي چيو ته هن گڏجاڻيءَ ۾ جيڪي به فيصلا ٿيا آهن انهن تي مڪمل عمل ڪيو وڃي. اسان لاءِ اليمو اهو آهي ته اسان افغانستان سان گڏ بيٺا آهيون. آخر ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 دادو اجلاس ۾ سيني شرڪت ڪندڙن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته اسان سيني کي سچائي سان ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ مائيڪرو پلان جوڙيو وڃي ته جيئن پوليو مهم کي ڪامياب بنائي سگهجي اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرز منير احمد سومرو . اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور ناٿن شاهه فهد علي جاگيراڻي، ڊاڪٽر اشفاق ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر شريڪ هئا

بقايا سنڌيار 12

اسپتال نٿو پهچي ڊاپهچي واٽر سپلاءِ اسڪيم جو دورو ڪيو، مريضن ۽ سندن گهرڀاتين سول اسپتال نٿي ۾ دوائن جي کوٽ، صفائي سترائي، پيئڻ جي پاڻي جي اڻهوند ۽ ٻين مسئلن جي شڪايت ڪئي، نگران صوبائي وزير اسپتال انتظاميا ۽ مرف اين جي اوز جي ڪارڪردگي تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي لاڳاپيل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته صحت جي سهولتن ۾ دوائن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. اسپتال ٽائون ڊسپينسري جو پڻ دورو ڪيو ۽ هدايتون جاري ڪيون.

بقايا سنڌيار 13

جو عمل جاري آهي جڏهن ته پنج ڪلو کان وڌيڪ سڪا ڪٽ ۽ مٽي سبب ڳوڙها بڻجي ويا هئا.جنهن کي مختلف ڪيميڪل ذريعي مرحلن مان گذاري صاف ڪيو پيو وڃي. هوڏانهن ماهرن جو چوڻ هو ته اسسٽنٽ ڪيمسٽ رستم پتو طرفان صفائي جي ابتدائي مرحلي ۾ ڪجهه سڪن تي ڪشان دور جي هڪ بادشاهه جي تصوير ظاهر ٿي آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي سڪا ٻي صدي جي ڪشان دور جا ٿي سگهن ٿا هوڏانهن آرڪيالاجي جي سينٽر انچارج علي حيدر گاڏهي ۽ ڪوٽڏيجي ميوزيم جي ڪيوريٽر روحل امين گهمرو لئبارٽري ۾ پهچي هٿ آيل سڪن جو ويجهڙائي کان جائزو ورتو اسٽوپا وٽان سڪا ملڻ ماڳ جي تاريخ جي وڏي دريافت آهي، ماهرن جي تحقيق بعد حقيقت سامهون اينڊي هوڏانهن لئبارٽري انچارج رستم علي پتو جو چوڻ هو ته هٿ آيل سڪن جو وزن پنج ڪلو کان وڌيڪ آهي.سڪن کي مڪمل صاف ڪرڻ بعد سڪن مٿان انگ اکر ۽ تصويرون ظاهر ٿينديون.تنهن کان ڪم ۾ هڪ مهينو لڳندو. جنهن کان پوءِ اهي قديم سڪا ماهرن جي تحقيق لاءِ تيار ٿي ويندا.ان موقعي تي شبير جويو جي ايم جهتيال عبدالحق پيرزادو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 14

عبدالغفار عباسي خزاني آفيس جو مالڪ بڻيل آهي ايڊيشنل اڪائونٽس آفيسر تونظير منگي 15 کان 20 پرسنٽ في بل تي وٺي رهيا آهن. جڏهن ته ايجنٽ مافيا پرائيويٽ طور آفيس ۾ ڪم ڪندڙ آپريٽرن من پسند ماڻهن کي پنهنجون ڪمپيوٽر جون آڪيون ڏئي آفيس مالڪ بڻائي ڇڏيو آهي. جن ۾ محمد يامين عالماڻي، محمد اعظم عالماڻي، عطر خان عالماڻي، پوليس اهلڪار مجن ملڪ، اسڪارپ ملازم وقار لاڙڪ، معشوق ميمڻ، امتياز ڏاوچ فداحسين پتو،پرويز سولنگي، فهيم ملڪ، پير رستم، ايريگيشن ملازم بشير ميمڻ سميت 50 کان وڌيڪ ايجنٽ طور ڪم ڪن ٿا، موجود آفيسرن ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر تونظير منگي ان کان علاوه ايڊمن عبدالغفار عباسي جي آشيرواد سان ايجنٽ مافيا کي آفيس حوالي ڪري ڇڏي آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي ملازمن جون پگهارون پڻ بند ڪري انهن ملازمن کي صرف آفيس جا چڪر ڪٽرائي وڏي رشوت عيوض پگهارون کوليون وڃن ٿيون ايريگيشن روهڙي ڊويزن مورو جي بيلدار ضمير علي گاڏهي ٻڌايو ته منهنجي ٻن سالن کان پگهار پيسا نه ڏيڻ ڪري بند آهي آفيس ۾ ايجنٽ مافيا سرگرم هجڻ ڪري ڪوبہ ڪم پيسن کان سواءِ ڪونہ ٿو ٿئي خزاني آفيس ۾ رشوت خوري ۾ عبدالغفار عباسي اي جي سنڌ سان واسطا هجڻ ڪري خزاني آفيس ۾ 50 کان وڌيڪ ايجنٽ ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر طور مقرر ڪري پيسن جي اوڳاڙي ڪرڻ لاءِ خاص مقرر ڪري ڇڏيا آهن نوشهروفيروز جي سياسي سماجي ۽ پينشنرن توڙي سرڪاري ملازمن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس نوشهروفيروز ۾ ڪرپشن ڪندڙ عملي خلاف قانوني قدم کڻي انهن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ پرائيويٽ مقرر ڪيل ايجنٽ مافيا خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ڏياريو وڃي ٻئي صورت ۾ خزاني آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي راشي آفيسرن توڙي ملوث ملازمن خلاف سخت ناري بازي ڪري جدوجهد ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 15

موجب مانجهند ۾ پٽي برادري پاران ديهه تنگهيائي ۾ 80 ايڪڙ سروي زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ظلمن خلاف 28 هين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري رکي وئي ان موقعي تي بيرسن ولي محمد پٽي سهيل پٽي سڪندر علي پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بااثر وڏيرو اختر پٽي پوليس جي زور تي سندن زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي، ڪين هر وقت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي سندن گهر ڀاتين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن زمينن تي وڃڻ تان تشدد ۽ تذليل جو نشانو بڻايو وڃي ٿو ڪيترن ئي ڏينهن کان احتجاج تي آهيون پر ڪنهن به انتظامي عملدار رابطو ناهي ڪيو هنن وس وارن کان انصاف جي گهر ڪئي

بقايا سنڌيار 16

۾ مصروف ڪيترائي ملازم ويزا تي جن ۾ ڊرائيور ڊسپنسرين تي ڪم ڪندڙ اسٽاف ان کان علاوه ايم ايس يو سينٽر جا ملازم ۽ مبلائيزرن کان علاوه وڃي ڪمار ديوان اسٽيڪل اسسٽنٽ ايس اي مڪمل ڪافي عرصي کان آفيس کان غائب ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر جي آشير واد سان گهر ويٺي پگهارون کڻي لڳا ڏيڍ سال کان ريفر فسليٽيڊ آپريشن ڪرائيندڙ مرد توڙي عورتن جا ملندڙ سرڪار کان پيسا بند ڪري ڊسٽرڪٽ آفيسر پاپوليشن ۽ عملو ملي پچت ڪري کائڻ لڳا جڏهن ته دور موبائيل سروس ڀهراڙين ۾ ريجي آپريشن ڪندڙ گاڏي سالن کان مڪمل بند ۽ ناڪارا بڻيل دور گاڏي جي ريپيئر بهاني ست لک روپيا خرچ ڏيکاري ڪوڙا ووچر صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڏيکاري ويندڙ پنهور مستري معرفت بل پاس ڪرائي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر ۽ پيو عملو ملي کائي ويو دور گاڏي هن وقت به ناڪارا بڻيل گاڏي مان سامان ڪڍي وڪرو ڪري ڇڏيو ان کان علاوه ٻه گاڏيون بولان جنهن ۾ هڪ بولان گاڏي ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ڪراچي ۾ ڪرائي تي هلائي پيسا ڪمائڻ لڳو جڏهن ته ٻئي بولان گاڏي آفيس جي من پسند ملازم حوالي ڪري مزا ماڻڻ لڳا انهن گاڏين جو تيل ۽ مينٽيننس ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ ۽ اڪائونٽنٽ عبدالجبار شيخ، گدا حسين سيال پرسنل ويگنار گاڏي ۽ ڪوري گاڏي ۾ پيٽرول پوز ڪري مزا ماڻڻ لڳا. جڏهن ته جلباڻي سينٽر جي انچارج سندس جڳهه ۾ قائم ڪيل سينٽر جيڪا بلوچستان ۾ شادي ٿيڻ بعد بلوچستان ۾ رهي پگهار ۽ مسواڙ کڻي رهي آهي مگر سينٽر بند پيل آهي. جڏهن ته ڊسپنسري ٻنيرا، ڊسپنسري ڏيرڻ ٽنيا ڏونگر، ڊسپنسري پوراني، ڊسپنسري ڦل، تعلقا نوشهروفيروز سميت ٻيهن کان وڌيڪ سينٽر مڪمل بند پيل آهن اهي ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي هر مهيني منٿلي آفيس ۾ پهچائن ٿا. ان کان علاوه ڊسٽرڪٽ پاپوليشن آفيسر عبدالوحيد شيخ تعلقي نوشهروفيروز ۾ آفيس بند ڪرائي انهي آفيس ۾ رهائيش اختيار ڪري ڇڏي آهي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عملي کي ويڙا تي موڪلي ڇڏيو آهي، نوشهروفيروز جي سياسي سماجي علائقي واسين نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي وزير اعليٰ سنڌ گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ڪراچي، سيڪريٽري پاپوليشن گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ريحان اقبال بلوچ، چيئرمين انٽي ڪرپشن اسٽيلشمينٽ گورنمينٽ آف صوبا سنڌ ڪراچي چيف سيڪريٽري گورنمينٽ آف صوباسنڌ ڪراچي ۽ ٻين ادارن کي گهرجي ته پاپوليشن کاتي جي ملوث راشي عملي خلاف انڪوائري ڪري قانوني قدم کنيو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

گهر ڀاتين کي حراسان ڪيو 15 مددگار پوليس جي اچڻ بعد آيل پوليس واپس رواني ٿي وئي، خبرموجب ڪراچي سجل ڳوٺ ۾ ڪجهه سال اڳ قاتل رحيم شاهه هٿان قتل ٿيل ارشاد رانجهاڻي جي ڀاءُ منور رانجهاڻي پنهنجي امڙ سيباڻي ۽ ڀيڻ ثناء سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته گذريل رات دير سان ڪجهه پوليس وردي ۽ ڪجهه سول دريس ۾ ماڻهو اسان جي گهر جو دروازو کڙڪايو دروازو نه کولڻ تي پوليس اهلڪارن گهر جو دروازو توڙي اندر داخل ٿي اسان جي ننڍي ڀاءُ خالد رانجهاڻي کي زبردستي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن بعد اسان 15 مددگار پوليس کي اهڙي واقعي جو اطلاع ڏنو سوشل ميڊيا تي پوليس جي اهڙي دهشتگردي لائيو هلائي جنهن بعد پوليس اهلڪار واپس روانا ٿي ويا اسان ڏي معلوم ٿيو آهي ته گذريل رات اسان جي گهر مٿان ڪيل چڙهائي ۾ اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي پوليس ملوث آهي هنن چيو ته قاتل رحيم شاهه جي آزادي ڪانپوءِ اسان ڪورٽ جي ٿيل فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي آهي جنهن ۾ ڪيس ۾ اسان جو ڀاءُ خالد رانجهاڻي فريادي آهي هن چيو ته قاتل بااثر ۽ تمام گهڻو طاقتور آهي پوليس ان جي ونگار وهي اسان کي حراسان ۽ تنگ ڪري رهي آهي اڳ اسان جي ڀاءُ خالد مٿان 8 ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسان کي تمام گهڻو تنگ ۽ پريشان ڪيو ويو وڃي هنن چيو ته آءِ جي سنڌ ايڊيشنل آءِ جي ۽ ٻيا ادارا پوليس جي اسان سان ٿيندڙ زيادتين جو نوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 18

ٺهرائي اسان جا گس بند ڪر ڇڏيا آهن. مظاهرين چيو ته قبرستان ۾ اينتري جڳهہ ناهي بچيل جتي ڪو جنازو دفن ڪيو وڃي، هنن چيو ته قبر مٿان قبر بنائڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون. احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ماڻهن ڊي سي ٺٽو اي سي گهوڙاٻاري کان مطالبو ڪيو ته فوري تور قبضا مافيا خلاف ايڪشن وٺي قبرستان تان قبضا خالي ڪرايا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا سنڌيار 19

قريشي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد نواز ڪلوڙ، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته پوليو کان بچاءُ واري مهم قومي مهم آهي ان مهم ۾ چونڊيل نمائندن جو اهم ڪردار آهي هن چيو ته مهم دوران پوليو جا ڦڙا نه پيارڻ والدين کي پوليو جي نقصان کان آگاهي ڏيڻ انتهائي ضروري آهي چونڊيل نمائندن جي ساٿ سان مهم کي 100 سيڪڙو ڪامياب ڪنداسين ان کان علاوه اسڪولن ۾ مارننگ اسيمبلي ۾ پڻ پوليو متعلق آگاهي ڏني پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته اسڪولن ۾ پوليو جي نقصان تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويندا گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ضلعي چيئرمين علي اصغر هاليپوٽو چيو ته پوليو مهم ۾ چونڊيل نمائندن جو ڪردار اهم آهي هن چيو ته ايندڙ ضلعي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ميمبرن کي پوليو مهم جي اهميت بابت آگاهي ڏني ويندي ته جيئن ميمبر پنهنجن ڳوٺن ۾ ماڻهن کي آگاهي ڏين هن چيو ته پوليو مهم دوران چونڊيل نمائندن سان گڏ ميڊيا نمائندن کان به مدد ورتي وڃي ته جيئن پوليو مهم جي اهميت بابت اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا ذريعي ماڻهن کي آگاهي ملي سگهي گڏجاڻي ۾ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليو مهم دوران پيدائش کان 5 سالن تائين جي 4لک 27 هزار ٻارڙن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا وڃن هن چيو 1219 موبائل ٽيمون، 102 فڪس سائيٽ، 73 ٽرانسٽ پوائنٽ ٽيمون شامل آهن

بقايا سنڌيار 20

مبتلا ڪري رهيا آهن. هن اهڙيون ڳالهيون سکر گهنٽاگهر، موبائيل مارڪيٽ جي ڏوري ۽ حد دخلين خلاف هلندڙ آپريشن جي نگراني دوران ڳالهائيندي ڪيو آپريشن دوران اسسٽنٽ ڪمشنر پوليس اهلڪارن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو موٽرسائيڪل پارڪنگ، غلط پارڪنگ ۽ غير قانوني پارڪنگ اسٽينڊ برداشت نه ڪئي ويندي، ٻي صورت ۾ غير قانوني پارڪ ڪيل موٽرسائيڪلون ضبط ڪيون وينديون. بعد ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيہ فلڪ رائو سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي انسپيڪٽر افضل چنا سان گڏ گهنٽا گهر سميت شهر جي مختلف علائقن جو دورو پڻ ڪيس اناج بازار، شهيد گنج ۾ دڪاندارن کي به سخت وارننگ ڏني ته هو پنهنجي حدن کان ٻاهر سامان نه رکن ۽ چيو ته جيڪو به دڪاندار سامان ٻاهران ڏسندو ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 21

(AMS)نڪ ۽ ڳلي جو ماهر ڊاڪٽر شام ڪمار خصوصي شرڪت ڪئي، ان موقعي تي سماجي اڳواڻ ۽ اديب اعجاز ممنائي، سنڌ صحافتي اتحاد جو ضلعي آرگنائزر محترم محمد يونس راجپر، ايم ظفر تگر سنسار پبليڪيشنس جو سي اي او اسلم ڪتياڻ، صحافي ضميرحسين لند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هر دور ۾ ڪتاب وڏي اهميت جو حامل رهيو آهي اسان جي سمورن مشڪلاتن جو حل ڪتابن ۾ سمايل آهي انڪري نوجوانن کي ڪتابن کان دوري اختيار ڪرڻ بجاءِ ويجهڙائپ رکڻي پوندي ته جيئن مسئلن مان نجات حاصل ٿي سگهي ڪتاب سان درستي رکڻ لاءِ استادن شاگرن توڙي علم دوست ماڻهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت سنڌي ٽوپي پهرائي عزت افزائي ڪئي وئي مهمانن پاران پبلڪ لئبريري لاءِ ڪتاب پڻ خريد ڪري ڏنا ويا.

بقايا سنڌيار 22

خلاف سجاول ضلعي جي 5 ئي تلعقن جي روينيو آفيسن جي تالابندي ڪري ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي وئي ۽ اي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو سجاول جي اسسٽنٽ ڪمشنر رضوان عالم شيخ پاران ملازمن کي مارڪيٽ ڪرڻ ۽ گارگند ڪرڻ خلاف آپڪا، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيشن، آل روينيو لوئر اسٽاف ايسوسيشن، تپيدار ايسوسيشن ۽ آل ملازم اتحاد پاران اي سي سجاول خلاف احتجاج ڪيو ويو ان ڏس ۾ روينيو ملازمن پاران ڊي سي آفيس سجاول ۽ پنج ئي تعلقن جي ايسيز ۽ مختيارڪارن جي آفيسن جي تالابندي ڪري ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي وئي، جنهن بعد ٽينٽ هڻي ملازمن اي سي سجاول جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي ملازم اڳواڻن يوسف ميربحر، الطاف ميمڻ، بچل لغاري، آفتاب ڪناد، مظفر لغاري ۽ ٻين چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول رضوان عالم ميمڻ بدتميز آفيسر آهي هن پهرين پڻ ملازمن کي گارگند ڪئي جنهن جي داڻهن ڊي سي سجاول کي ڏني وئي جنهن اي سي کي هدايت ڪري معاملو حل ڪرايو ان بعد پيهر اي سي سجاول سندس بنگلي تي ڪم ڪندڙ ملازم عبدالخالق پٽي تي بنا جواز تشدد ڪيو ۽ ٻين ملازمن علي رضا ميراڻي، مرتضي ملاح، الطاف ميمڻ ۽ ٻين کي گارگند ڪئي آهي، هنن چيو ته ڪوبہ قانون ملازمن کي گارگند ڪرڻ ۽ بداخلاقي سان پيش اچڻ جي اجازت نہ ٿو ڏئي ۽ اي سي بداخلاقي ڪري ملازمن جي عزت النفس کي مجروح ڪيو آهي هنن چيو ته اسان اي سي جي زيادتين خلاف احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي آهي ۽ اسان سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته بدتميز اي سي سجاول کي فوري طور بدلي ڪري سندس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هنن جتاءُ ڏنو ته جيستائين اي سي کي بدلي نہ ڪيو ويندو تيستائين ضلعي جون سموريون روينيو آفيسون بند رکيون وينديون ۽ احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

بقايا سنڌيار 23

۾ خيرپور جي تندومستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ پتو چانڊيو واسين عورت زيبل خاتون، ۽ مردن پهلوان چانڊيو، گهنور، عادل چانڊيو معصوم ٻارڙن سان گڏجي ايس ايس پي آفس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي ڪندي داڻهيندي ٻڌايو ته پنهنجي برادري جي بااثرن جوابدار ضمير چانڊيو ولد الله ڏنو آمين ولد منير چانڊيو، ريحان عرف رزاق ولد الله ڏنو، منير ولد الله ڏنو چانڊيو پاران اسان جي پنهنجي ذريعي زمين ڦٻائڻ چاهين تا جيڪا ڦٻائڻ نه ڏني سون ته بااثرن پاران ڪاهه ڪري لٺين، سروٽن، ڪهاڙين، هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو بااثرن جي فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب عورت سونيان چانڊيو زخمي ٿي پئي جڏهن ته ڪهاڙين ۽ لٺيون لڳڻ سبب نوجوان پهلوان چانڊيو شديد زخمي ٿي پيو متاثرن پاران داڻهيندي ٻڌايو ته اهڙي ڪمپلين ڪٽي ٿاڻي تي وياسين جتي پوليس بااثرن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪرڻ بعد پوليس بااثرن جي وانگار وهندي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن منير چانڊيو، ريحان عرف رزاق چانڊيو کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي جيڪي هن وقت هٿيار ڪٽي دروازي تي اچي جان کا مارائڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ٿيل ڪيس تان هٽ ڪارائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن هنن چيو غريب مسڪين آهيون بااثرن پاران جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پوليس پڻ انصاف ڏيارڻ بدران بااثرن جي وانگار وهندي اسان جي نوجوان کا ڪوڙيون سهي وٺي ڪري معاملي کي رفع دفع ڪرائڻ چاهين ته متاثرن پاران ايس ايس پي خيرپور، ڊي آئي جي سکر، کان نوٽس وٺي بااثرن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 24

عباسي، شاهنواز خشڪ، اصغر جاکرو، اسلم بروهي، معشوق پنهور، عبدالعزيز پليجو، بچل پنهور، منظور چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته صحت کاتي سول اسپتال مڪلي جي ملازمن کي الٽرا سائونڊ، ايڪسري توڙي دوائن جي کا به سهوليت ميسر ناهي ۽ نه ئي سندن رهائشي ڪالوني جو گئس 6 سال گذرڻ باوجود بحال ٿي ناهي سگهيو، ملازمن سان انتظاميہ جو رويو به نامناسب هجڻ ڪري ملازم سخت مايوسي جو شڪار بڻيل آهن. پر انتظاميہ کو بہ تحرڪ وٺڻ لاءِ ناهي، هنن گهر ڪئي ته فورن سمورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري ڪين الٽراسائونڊ، ايڪسري، دوائن جي سهوليت ميسر ڪري بند ٿيل سوئي گئس بحال ڪري ملازمن سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ وارو رويو ختم ڪري ڪين پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ ملازمن جي جائز مسئلن جي حل تائين جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي پليٽ فارم تان اسان جي جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 25

علي خٽڪ ايم ڊي واٽر بورڊ سان يو سي 6 ۾ ڏکهي عرصي کان هلندڙ پاڻي جي مسئلي تي ڳالهايو، جنهن تي ايم ڊي واٽر بورڊ سنگو چورنگي تي پٽ لڳائڻ جو يقين ڏياريو، ٽائون چيئرمين گوهر علي خٽڪ رائو لياقت علي خان جي درخواست تي گلشن ملت، باغ ڪورنگي، الحمرا سوسائٽي، صائمہ لگزري هومز ۽ حاجي عارفاڻي ڳوٺ مين روڊ جي تعمير جي منظوري ڏني، ان موقعي تي راڌو بيڪري کان الله بخش گوڙ ۽ باغ ڪورنگي روڊ، فيملي پارڪ، سيوريج ۽ باغ ڪورنگي ۾ گرائونڊ جي تعميراتي منصوبن جي پڻ منظوري ڏني وئي، ان موقعي تي فيضان خان پڻ موجود هو ۽ سمورن موجود وفد ٽائون چيئرمين گوهر علي خٽڪ جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 26

مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي ويا رات ڏينهن جاري رکيل احتجاج ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي . احتجاجي ڪئمپ تي سول سوسائٽي جي سجاد جاگيراڻي، هشمت جاگيراڻي ۽ ٻين پاران يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نظير ڪوڪر، مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو جاويد سولنگي ۽ ٻين چيو ته اسان جي احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سکر جو ڊي آئي، سکر، خيرپور ۽ نوشهري فيروز جي پوليس اغوا ٿي ويل پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، اسلام الدين سومرو، ۽ علي حسن ميمڻ جي بازيابي لاءِ ڪي به ڪوششون ناهن ورتيون غريب عوام جي هنن کي ڪابہ فڪر ناهي انڪري مغوين جي بازيابيءَ لاءِ اپاءَ نه پيا ورتا وڃن جڏهن ته مغوي علي اصغر منگريو جي والد زاهد منگريو بار بار ٻڌايو آهي ته سندس پٽ جي اغوا ۾ شڪارپور جا بااثر ماڻهو شامل آهن جن خلاف شڪارپور پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي بک هڙتالي ڪئمپ تي ويٺل اڳواڻن چيو ته اسان جي مستقل ڏينهن رات واري جدوجهد کي 79هون ڏينهن آهي پر نگران سنڌ حڪومت بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهي ڪنهن به سرڪاري نمائندي رابطو ناهي ڪيو، بي حسي جي انتها ٿي وئي آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

حسين شاهه، محمد حنيف سومرو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته شهيد دودو سومرو فائونڊيشن جو مقصد هن پٺتي پيل علائقي جي غريب پورهيت ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ انهن کي روزگار ڏيارڻ آهي، اسان چاهيون ٿا ته هن علائقي جي غريب ماڻهن کي صحت جو سهولتون فراهم ڪري روزگار ڏياريون ۽ هتان جي غريب ٻارن کي سٺي تعليم ڏياري هن علائقي جو نالو روشن ڪيون، ان موقعي تي دودو سومرو فائونڊيشن جي آفيس جو افتتاح به ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 28

ٽرين ۾ 1600 کان وڌيڪ هندو، سک ۽ باگڙي برادري مردن سان گڏ وڏو تعداد عورتون ۽ ٻارڙا به شامل هئا جن جو واسطو لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي سميت ٻين شهرن سان هو ٽرين جي روانگي ٽيڻ وقت لاڙڪاڻي جي ريلوي اسٽيشن تي اندر توڙي ٻاهر ياترين جي وڏي رش نظر آئي جيڪي پنهنجي ضروري سامان سان گڏ گاڏن ۾ سوار ٿيڻ لاءِ آتا نظر آيا، ياترين جا ڪيترائي مائٽ کين الوداع چوڻ لاءِ پڻ اسٽيشن تي موجود هئا. ان موقعي تي هندو برادري جي ماڻهن ٻڌايو ته اسان هر سال بابا گرونانڪ جي جنم ڏينهن جي تقريبن ۾ شرڪت لاءِ سکر کان ٽرين جي بکنگ ڪرائي ننڪاڻہ صاحب ويندا آهيون. هر سال جيان هن سال به ڀرپور تياري سان پنهنجي روانگي ڪري رهيا آهيون. هنن ٻڌايو ته بابا گرونانڪ جي جنم ڏينهن تي اسان پوجا پاٺ ڪندا ۽ مختلف رسمن ۾ به شرڪت ٿي دلي سڪون حاصل ڪندا آهيون. جنم ڏينهن جي تقريبن جي پڄاڻي بعد اسين ساڳين ٽرينن ۾ واپس ايندا آهيون.

بقايا سنڌيار 29

کان متاثر آهن ڳوٺان ڊپٽي ڪمشنر دادو ڊي اي او دادو ۽ تعليم جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ڊيوٽي چور ليڊي ٽيچرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ڪين هٽائي ڊيوٽي ڪندڙ ماستريائيون مقرر ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ تعليم دشمن ماستريائين خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 30

) ٽالپرواڙا شهر ۾ راڄ رات صوفي فقير غلام محمد ٽالپر جي 86ورسي ملهائي ويندي. ورسي ۾ ناليوارا صوفي فنڪار فقير منور ابڙو،صدرالدين شاهسهراب فقير جو سنگ ۽ ٻيا سروڪيرينداورسي جو افتتاح مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتح خواني سان ڪيوويندوخبرموجب ٽالپرواڙا شهر ۾ ناليواري صوفي فقيرغلام محمد ٽالپرجي 86 هين ورسي سپاڻي[اڄ] رات ملهائي ويندي،ورسي جو شروعات مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتح خواني ڪري ڪيوويندوورسي جي موقعي تي صوفي راڳ رنگ جي محفل ٿيندي جنهن ۾ سنڌ جا ناليوارا فنڪار فقير منور ابڙو وصدرالدين شاهسهراب فقير جو سنگ ۽ ٻيا سر وڪيريندا

بقايا سنڌيار 31

لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جي صدر امداد بزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 102 ڏينهن به جاري رکي شهيد جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباني،سيد اختر شاهه،سليم سهتو، عمر سومرو،جلال الدين پيو، آصف لوڌي، سحرش ڪرڪر، مرتضي'جوڻيجو، ڪاشف قلبرٽو، ندير سرڪي، يار محمد سومرو، اظهر داپو، محمد رضوان صديقي، مسعود زيدي، اسحاق ڪوسو، ابراهيم سومراڻي، طفيل وسطڙو، بابر ڪوڪريا موجود هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته جان محمد شهيد کي وڇڙي 102 ڏينهن گذري ويا پر سکر پوليس رڳو سهولتڪار گرفتار ڪري سگهي آهي بااثر ڏيرن شهيد جان محمد جي اصل قاتلن کي بچائي رهيون آهن. پر اسان کين واضع ٿا ڪريون ته جيستائين اسان جي بهادر ساٿي شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نہ ٿا آندا وڃن اسان جي تحريڪ جاري رهندي ان سلسلي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ پاران پوري ملڪ ۾ 30نومبر ڪارو ڏينهن ملهائي احتجاج جو سڏ ڏنو ويو آهي پريس ڪلبن تي ڪارا جهنڊا چاڙهي قاتلن جي گرفتاري جوئي مطالبو شامل هوندو احتجاج ۾ ارشاد ونڊڻ، جي ايم شيخ،اصغر علي عباسي، ناصر جعفري، شاهه ولي، سجاد سنجراڻي، عبدالرزاق سولنگي، محمد علي سولنگي، نادر سنجراڻي، انس ملڪ، عتيل قريشي، محمد اسماعيل ڪٽبر، محمد اسلم داپو سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، جاويد احمد سولنگي، محمد اعظم منگريو ۽ ٻين شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪندي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 32

الهه وڌايو جوڻيجو ۾ حرمجاهد فقير سرفراز عرف راجوفقير جوڻيجو پاران اڳوڻي پير پاڳاري شاهه مردان شاهه راشدي جي سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو، سالگرهه تقريب ۾ درگاهه پيرجوڳوٺ مدرسي مان فارغ تحصيل عالمن سڳورن، حر جماعت جي فقيرن، صحافين ۽ تر جي معززين سميت سنڌ جي مشهور نعت خوان ۽ صدارتي ايوارڊ يافتہ شاعر عبدالرحيم عزمي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي مقررين پاران پير پاڳاري شاهه مردان شاهه جي زندگي بابت خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته شاهه مردان شاهه پاڳارو هڪ عظيم روحاني بزرگ شخصيت سان گڏ پاڪستان جي سياست جو بي تاج بادشاهه هو سندس پيشنگوئيون پوري دنيا ۾ مشهور هيون پير پاڳارو ملڪ پاڪستان لاءِ چپر ۽ چانڊ مثل هو، مقررين چيو ته ملڪ جا ناليوارا سياستدان هر مشڪل وقت ۾ پير پاڳاري جي دروازي تي حاضري ڀرڻ ايندا هئا تقريب ۾ نعت خوان عبدالرحيم عزمي پاران چونڊ شاعري ذريعي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 33

آهن سيمينٽ فيڪٽري انتظاميا پاران مختلف هيلا بحانا ڇاڻائي بلاجواز 60 مقامي ملازمن کي برطرف ڪرڻ خلاف برطرف ٿيل ڪيترن ئي ملازمن نٿه سيمنٽ فيڪٽري جي گيٽ آڏو هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو برطرف ٿيل ملازم اڳواڻ مجيد اوٺار، خالد جميل بروهي، احمد درس، شوڪت خاصخيلي، هارون ڪاتيار، جميل ملاح جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته نٿه سيمنٽ فيڪٽري انتظاميہ ڪين بلاجواز نوڪرين تان برطرف ڪري ڪانئن هجن جي روزي کسي وئي آهي، هنن ڊي سي نٿو ۽ سي او نٿه سيمينٽ فيڪٽري کان مطالبو ڪيو ته فورن ڪين نوڪرين تي بحال ڪري پريشاني کان بچايو وڃي ياد رهي ته نٿو سيمنٽ فيڪٽري کي هن وقت اهي مالڪ هلائي رهيا آهن جيڪي ڀاڻ کي پٽي شهيد جا پيرورڪار سڏائي روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان جو نعرو هڻن ٿا اهي ئي مالڪ يا سيٽ پٽو شهيد جي سلوگن کي صرف سرڪاري طور عملي جامو پهرائڻ جو نه ڏيکو ڪن ٿا پر اصل ۾ سندن ذاتي فيڪٽرين ۾ صورتحال تبديل هجي ٿي

بقايا سنڌيار 34

ارباب رميز ميمڻ، سردار رميزالحق زنئور، ڊاڪٽراقبال ميمڻ، واحد پرهياڙ، نجيب سرويچ سميت سياسي سماجي ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ڪيس جنازي کي درگاهه سائين محمد شاهه مٽياري ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو، جڏهن ته پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 35

ٻارن جي اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون : سوشل ويلفيئر آفيسر شفيق مهيسر تنفصيل موجب : سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ ڊائمنڊ پبلڪ اسڪول ميروخان ۾ سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي نگراني ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن ، تعليمي ماهرن ، اسڪولي شاگردن ، سول سوسائيٽي جي نمائندن ۽ شاگردن جي والدين سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ شاگردن طرفان ٻارن تي ٿيندڙ نفسياتي تشدد تي ٽيبلوز پيش ڪرڻ سميت ڪٽز ڪامپيٽيشن ۽ تقريري مقابلن ذريعي سماج ۾ ٻارن جي مٿان ٿيندڙ ظلم ، غير انساني سلوڪ تي روشني وڌي وئي ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر شفيق احمد مهيسر تعليمي ماهر واحد بخش تنيو ڪائنات سوشل ويلفيئر جي صدر حسين بخش ميمڻ سيد احسان شاهه تشڪيل احمد ميمڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ غربت ۽ حڪمران طبقي جي عدم دلچسپي سبب لکين معصوم ٻار تعليم جي زيور کان محروم بڻجي هوٽلن ، گئريجن ، ريڙهين تي ڪم ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پٺتي پيل علائقن ۾ ڪيترائي ٻار خوراڪ جي کوٽ سبب اجل جو شڪار ٿيڻ سميت جبري پورهيو غيراخلاقي سلوڪ جنسي درندگي اڻ برابري سبب معصوم ٻارن جي ڪچن ذهنن تي ڪيترائي منفي اثر پوندا آهن هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته معصوم ٻارن جي واڌ ويجهه ۽ سار سنڀال سان گڏ ڪين مناسب خوراڪ ذريعي جسماني ۽ بهتر تربيت ذريعي نشونما ڏيڻ سميت سندن جي تعليم لاءِ عملي قدم کنيا وڃن جيئن دنيا جي ٻين ترقي يافتا جيان اسان جا ٻار بہ بهتر تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 36

پورهيو وڌڻ ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني نه هجڻ ۽ سائبر ڪرائم سميت هر ڏينهن ڏوهن ۾ وڌندڙ اضافي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هنن وائيس آف يوٿ نيٽ ورڪ سنڌ ۽ اجرڪ نيوز گروپ سنڌ پاران انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن جي پچڪڙين، سائبر ڪرائم ۽ قانون جي حڪمراني جي موضوع تي منعقد ڪيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو. جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي سينيئر ۽ ايڊووڪيٽ دهشت گردي ٽوڙ عدالت جي اڳوڻي جج ۽ ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻو جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ايسوسيئيشن جي راشد مرتضيٰ سولنگي، انساني حقن لاءِ ڀاڻ پتوڙيندڙ سماجي ورڪر ۽ سنڌ هائي ڪورٽ جي وڪيل ايڊووڪيٽ جاويد علي ڪلهوڙو، چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر نٿو مهرين اقبال، عورت سماجي اڳواڻ ۽ سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن جي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ مئنيجر ميڊم حميرا علي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ عبدالرزاق چانڊيو، پي ٽي آئي ضلعي صدر سيد امجد شاهه. اطلاعات سيڪريٽري مراد ساني، پي ٽي آئي ليڊيز ونگ صدر شهناز بلوچ، پ پ پ شهيد جو ضلعي صدر بابو احسان پتو، سنڌ جي انساني حقن سان لاڳاپيل کاتي جي ڊسٽرڪٽ آفيسر الطاف حسين تنيو ـ پاڪستان ليگل ايڊ سوسائٽي جي اڳواڻ ماجد احمد، امجد پليجو، ياسر جاکرو، حيدر شورو، پروگرام جا آرگنائزر وائيس آف يوٿ اڳواڻ قربان هالو اجرڪ نيوز گروپ سنڌ جي چيف ايگزيڪيٽو جاويد لطيف ميمڻ، ايڊووڪيٽ سيد وقاص شاهه، نريندر ڪمار، سماجي اڳواڻ عزيز سروان، پرنسپل ٽيڪنيڪل ڪالج نٿو سيف الدين عباسي، مقبول حفيظ، وومن پروٽيڪشن آفيسر نٿو پوليس ميڊم شبانا، سماجي تنظيم رائٽ ٽو پلي جي انچارج ميڊم عروج ـ تعمير خلق فائونڊيشن جي اڳواڻ دين محمد سميت نٿي جي صحافين محبوب بروهي ـ اقبال جاکرو ـ مرزا حسن بيگ ـ ممتاز سميجو، شيراز واريو ـ قادر جاکرو ـ اسماعيل ميمڻ، رشيد جاکرو ـ ساجد شيخ ـ عزيز پتو ـ انور پتو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نٿو جي ايگزيڪيٽو ڪميٽي جي ميمبر ايڊووڪيٽ اصغر ڊولو نوجوان سماجي ڪارڪن سرفراز احمد ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ چيو ته سماجي شعور جي کوٽ سبب اڪثر ماڻهو بنيادي انساني حقن جي ڄاڻ کان محروم آهن. قانون ته ٺهن ٿا پر ان تي عمل نٿو ٿئي هنن چيو ته انساني حقن ۽ ٻارن جي حقن جي قانون ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي ته خلاف ورزي جي صورت ۾ قانون کي عمل ۾ آندو ويندو. اهو چئي سگهجي ٿو ته اهڙي سماج ۾ سوشل ميڊيا جي شعور ۽ مثبت استعمال سان ڪيترين ئي ناانصافين بي نقاب ٿي سگهن ٿيون ۽ ڏوهارين کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سگهجي ٿو ان موقعي تي گڏيل طور تي ٺهراءُ پاس ڪري پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته اهڙن قانونن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي، انساني حقن بابت قانون ۽ ماڻهن کي زندگيءَ جا بنيادي حق ڏيڻ. لاءِ بين الاقوامي سماجي ادارا انساني حقن جي قانونن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ عوامي مهم هلائين پروگرام جي آخر ۾ نوجوانن سميت سينيئر سٽيزنس ۾ اچيومنٽ سرٽيفڪيٽس ورهائڻ سميت مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا

بقايا سنڌيار 37

۾ خيرپور جي تندومستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ پتو چانڊيو واسين عورت زيبل خاتون، ۽ مردن پهلوان چانڊيو، گهنور، عادل چانڊيو معصوم ٻارڙن سان گڏجي ايس ايس پي آفس ٻاهران احتجاجي مظاهرو ۽ نعريبازي ڪندي داڻهيندي ٻڌايو ته پنهنجي برادري جي بااثرن جوابدار ضمير چانڊيو ولد الله ڏنو آمين ولد منير چانڊيو، ريحان عرف رزاق ولد الله ڏنو، منير ولد الله ڏنو چانڊيو پاران اسان جي پنهنجي ذريعي زمين ڦٻائڻ چاهين تا جيڪا ڦٻائڻ نه ڏني سون ته بااثرن پاران ڪاهه ڪري لٺين، سروٽن، ڪهاڙين، هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو بااثرن جي فائرنگ ۾ گولي لڳڻ سبب عورت سونيان چانڊيو زخمي ٿي پئي جڏهن ته ڪهاڙين ۽ لٺيون لڳڻ سبب نوجوان پهلوان چانڊيو شديد زخمي ٿي پيو متاثرن پاران داڻهيندي ٻڌايو ته اهڙي ڪمپلين ڪٽي ٿاڻي تي وياسين جتي پوليس بااثرن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪرڻ بعد پوليس بااثرن جي وانگار وهندي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن منير چانڊيو، ريحان عرف رزاق چانڊيو کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي جيڪي هن وقت هٿيار ڪٽي دروازي تي اچي جان کا مارائڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ٿيل ڪيس تان هٽ ڪارائڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن هنن چيو غريب مسڪين آهيون بااثرن پاران جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پوليس پڻ انصاف ڏيارڻ بدران بااثرن جي وانگار وهندي اسان جي نوجوان کا ڪوڙيون سهي وٺي ڪري معاملي کي رفع دفع ڪرائڻ چاهين ته متاثرن پاران ايس ايس پي خيرپور، ڊي آئي جي سکر، کان نوٽس وٺي بااثرن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 38

عباسي، شاهنواز خشڪ، اصغر جاکرو، اسلم بروهي، معشوق پنهور، عبدالعزيز پليجو، بچل پنهور، منظور چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته صحت کاتي سول اسپتال مڪلي جي ملازمن کي الٽرا سائونڊ، ايڪسري توڙي دوائن جي کا به سهوليت ميسر ناهي ۽ نه ئي سندن رهائشي ڪالوني جو گئس 6 سال گذرڻ باوجود بحال ٿي ناهي سگهيو، ملازمن سان انتظاميہ جو رويو به نامناسب هجڻ ڪري ملازم سخت مايوسي جو شڪار بڻيل آهن. پر انتظاميہ کو بہ تحرڪ وٺڻ لاءِ ناهي، هنن گهر ڪئي ته فورن سمورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪري ڪين الٽراسائونڊ، ايڪسري، دوائن جي سهوليت ميسر ڪري بند ٿيل سوئي گئس بحال ڪري ملازمن سان ٿيندڙ ناروا سلوڪ وارو رويو ختم ڪري ڪين پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ ملازمن جي جائز مسئلن جي حل تائين جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي پليٽ فارم تان اسان جي جدوجهد جاري رهندي.

بقايا سنڌيار 39

مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي ويا رات ڏينهن جاري رکيل احتجاج ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي . احتجاجي ڪئمپ تي سول سوسائٽي جي سجاد جاگيراڻي، هشمت جاگيراڻي ۽ ٻين پاران يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نظير ڪوڪر، مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو جاويد سولنگي ۽ ٻين چيو ته اسان جي احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سکر جو ڊي آئي، سکر، خيرپور ۽ نوشهري فيروز جي پوليس اغوا ٿي ويل پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، اسلام الدين سومرو، ۽ علي حسن ميمڻ جي بازيابي لاءِ ڪي به ڪوششون ناهن ورتيون غريب عوام جي هنن کي ڪابہ فڪر ناهي انڪري مغوين جي بازيابيءَ لاءِ اپاءَ نه پيا ورتا وڃن جڏهن ته مغوي علي اصغر منگريو جي والد زاهد منگريو بار بار ٻڌايو آهي ته سندس پٽ جي اغوا ۾ شڪارپور جا بااثر ماڻهو شامل آهن جن خلاف شڪارپور پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي بک هڙتالي ڪئمپ تي ويٺل اڳواڻن چيو ته اسان جي مستقل ڏينهن رات واري جدوجهد کي 79هون ڏينهن آهي پر نگران سنڌ حڪومت بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهي ڪنهن به سرڪاري نمائندي رابطو ناهي ڪيو، بي حسي جي انتها ٿي وئي آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 40

مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي ويا رات ڏينهن جاري رکيل احتجاج ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي . احتجاجي ڪئمپ تي سول سوسائٽي جي سجاد جاگيراڻي، هشمت جاگيراڻي ۽ ٻين پاران يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نظير ڪوڪر، مخدوم بلاول، محمد اعظم منگريو جاويد سولنگي ۽ ٻين چيو ته اسان جي احتجاج کي 51 ڏينهن مڪمل ٿي چڪا آهن پر سکر جو ڊي آئي، سکر، خيرپور ۽ نوشهري فيروز جي پوليس اغوا ٿي ويل پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، اسلام الدين سومرو، ۽ علي حسن ميمڻ جي بازيابي لاءِ ڪي به ڪوششون ناهن ورتيون غريب عوام جي هنن کي ڪابہ فڪر ناهي انڪري مغوين جي بازيابيءَ لاءِ اپاءَ نه پيا ورتا وڃن جڏهن ته مغوي علي اصغر منگريو جي والد زاهد منگريو بار بار ٻڌايو آهي ته سندس پٽ جي اغوا ۾ شڪارپور جا بااثر ماڻهو شامل آهن جن خلاف شڪارپور پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي بک هڙتالي ڪئمپ تي ويٺل اڳواڻن چيو ته اسان جي مستقل ڏينهن رات واري جدوجهد کي 79هون ڏينهن آهي پر نگران سنڌ حڪومت بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهي ڪنهن به سرڪاري نمائندي رابطو ناهي ڪيو، بي حسي جي انتها ٿي وئي آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com